
سنڌ: محبت ۽ مزاحمت جو ديس
رک سنڌي

سنڌ: محبت ۽ مزاحمت جو ديس

ليکڪ: رڪ سنڌي

ڪراچي 2025ع

Book: Sindh: The land of love and resistance

Author: Ruk Sindhi

(Book on History of Sindh in Sindhi Language)

Karachi 2025

فهرست

1. روپا ماڑي ـــ محبت، بهادري ۽ قرباني جو امر استعارو
2. پاڪستان جي تهذيبي بنياد ـــ سنڌو ماڻري جي سڃاڻپ
3. جڏهن افغان حاڪم سنڌ جي وزيراعظم کي اغوا ڪري ورتو
4. ارغونن جي سنڌ تي حڪومت: تاريخ، مزاحمت ۽ ثقافتي بيگانگي
5. هالاڻي جي جنگ: ڪلهوڑن کان ٽالپرن تائين حڪومتي تبديلي جو تاريخي احوال

6. ٹر ۾ سوڍن ۽ ڪولهين جي مزاحمت
7. خاصائي واري جنگ ـ سنڌين جي جدوجهد جا داستان
8. ارغونن جا حملا ۽ ملتان جو الميو: جڏهن ماڻهو ڪتا ۽ ٻليون کائڻ تي مجبور ٿيا
9. سڪندر مقدوني جڏهن ماچي قبيلي جي ويڑهاڪ بادشاهه کي اروڙ ۾ ڦاسي چاڑهيو
10. راجپوت نسل مان سنڌ جي ڪهڙين جديد ذاتين جنم ورتو؟
11. سنڌ جي ذاتين، قبيلن ۽ قومي سڃاڻپ جو تحقيقي جائزو
12. سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت: هڪ مثالي دور جي ڪهاڻي
13. سنڌي قبيلن جي شاهه بيگ ارغون خلاف مزاحمت
14. سنڌ راڻي ۽ مير باگو خان ٽالپر: اقتدار، محبت ۽ قربانيءَ جي عجيب ڪهاڻي
15. جڏهن ڏارئي ارغون حاڪم جا ٻه پائر سنڌين هٿان مارجي ويا
16. راجا پورس سڪندر مقدوني کي سنڌ مان ڪيئن پڇڻ تي مجبور ڪيو؟
17. سنڌو درياهه: تهذيب جو وهڪرو يا ماحولياتي جنگ جو نشانو؟
18. موريا خاندان ۽ سنڌ: تاريخ، ثقافت، ۽ ٻڌ ڌرم جا اثرات
19. جهم جو شوَ مندر: هڪ تاريخي ۽ ثقافتي جائزو
20. سنڌ ۾ تمر جا ٻيلا: حياتياتي ۽ سماجي-معاشي اهميت

21. صاحب محل: هڪ تعميري ۽ تاريخي جائزو
22. غزالا رفيق: ريڊيو، ٽي.وي، فلم ۽ اسٽيج جي نامياري فنڪاره
23. پَبُ جبل: تاريخي، جاگرافيائي ۽ ثقافتي جائزو
24. پتڻ منارو: قديم سنڌ جو تاريخي ماڳ
25. روهل جي ڪنڊ: سنڌو ماٿري جي تهذيب جو هڪ اهم ماڳ
26. تيرٿ ڏارا: هڪ اڪيڊمڪ جائزو
27. علاءالدين خلجيءَ جي سنڌ تي حملي بابت دعويٰ: تاريخي حقيقت ۽ لوڪ شعور جو تجزيو

روپا ماڑي ـــ محبت، بهادري ۽ قرباني جو امر استعارو رڪ سنڌي

سنڌ جي درياڻي ڪنارن، واريءَ جي ٽيلن ۽ تاريخ جي ورقن ۾ اهڙا به هنڌ آهن، جيڪي رڳو پٿرن، سرن يا پٽين جا ڏانچا نه آهن، پر محبت، وفاداري، بهادري ۽ قرباني جون لازوال يادگارون آهن. انهن ئي هنڌن مان هڪ آهي **روپا ماڑي** — جيڪا هڪ بادشاهه جي محبت جو تحفو هئي، پر وقت جي ڏوڙ ۾ اها قرباني ۽ عزم جي علامت بڻجي وئي.

بدين شهر کان ڏکڻ طرف لڳ ڀڳ 26 ميلن جي مفاصلي تي، سومرا دور جي طاقتور حڪمران **پونگر بادشاهه** پنهنجي محبوب زال **روپا راني** لاءِ ڪنر سر جي ڪناري تي هڪ شاندار ماڑي تعمير ڪرائي. ملڪا جي نالي سان منسوب اها عمارت “روپا ماڑي” سڏجڻ لڳي. هي اها ئي جاءِ هئي، جتي بادشاهه سلطنت جا اهم فيصلا ڪندو، تاجپوشي جون تقريبون ٿينديون ۽ جتي سنڌ جو تختگاهه به منتقل ٿيو.

پونگر بادشاهه جي وفات (1288ع) کان پوءِ سندس پٽ **چنسر** تخت تي ويٺو، جڏهن ته **وگهه ڪوٽ** تي سندس وفادار پاءُ **دودو سومرو** حڪمراني ڪندو رهيو. سياسي اختلافن ۽ اقتدار جي ڪشمڪش جي باوجود روپا ماڑي حڪمراني ۽ شان و شوڪت جو مرڪز رهي، ايتري تائين جو تاريخ هڪ اهڙو موڙ اختيار ڪيو، جتي محبت ۽ وطن پرستي ٻنهي کي قربانيءَ جي امتحان مان گذرڻو پيو.

1299ع ۾ مغلن جي فوج سنڌ تي ٻه طرفي چڙهائي ڪئي — هڪ لشڪر بکر کان ۽ ٻيو ننگرپارڪر کان. سنڌ جا بهادر سپاهي ننڍن ننڍن دستن ۾ ورهائجي دشمن کي روڪڻ لاءِ اڻ بيڻا رهيا، پر دشمن جي گهڻائي ۽ طاقت اڳيان مزاحمت آهستي آهستي پوئتي ٽي وئي. اهڙي حالت ۾ ڪيترائي سردار پنهنجا خاندان ۽ قيمتي سامان ڪڇ جي طرف موڪلي آيا، پر **روپا راني** وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

دودو سومرو، جنهن تي ملڪ جي حفاظت جي ذميواري هئي، روپا ماڑي ڇڏڻ بدران آخري ساهه تائين ميدانِ جنگ ۾ وڙهندو رهيو. 1300ع ۾، جڏهن دشمن جي فوج ماڑي جي دروازي تائين پهتي، دودو **زنانِي در** وٽ وڙهندي شهيد ٿي ويو. پاڻُ جو رت ۾ رڳيل جسم ڏسي **چنسر** جي رڳن ۾ به جوش آيو ۽ هو به جنگ ۾ شامل ٿي شهيد ٿي ويو.

دودو جي شهادت کان پوءِ روپا راني پنهنجي قسمت جو فيصلو ڪري ورتو — هن پاڻ کي باهه حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ماڑي سان گڏ ساڑي رک ڪري ڇڏيو، پر دشمن جي هٿ نه آئي. اڄ به روپا ماڑي جي پرسان **دودو** جي قبر موجود آهي، جڏهن ته **روپا راني** جو مزار ٿورو فاصلو تي واقع آهي.

روپا ماڑي **640ه** ۾ تعمير ٿي ۽ **700ه** ۾ تباهه ٿي وئي، پر ان جا پٿر، پٽيون ۽ ان سان جڙيل روايتون اڄ به سنڌ جي تاريخ ۾ محبت ۽ وطن لاءِ جان قربان ڪرڻ جو استعارو بڻيل آهن. هر سال **14فَگڻ**)فيبروري جي پهرين هفتي) هتي ميلو لڳندو آهي، جتي شهيدن جي ياد ۾ ماڻهو گڏ ٿين ٿا — ته جيئن تاريخ کي زنده رکڻ جو فرض ادا ڪيو وڃي.

روپا ماڑي رڳو هڪ محل نه هئي، اها هڪ ڪهاڻي هئي — محبت جي، بهادري جي، ۽ انهيءَ عهد جي ته وطن ۽ عزت لاءِ آخري ساهه تائين جدوجهد جاري رهندي.

پاڪستان جي تهذيبي بنياد — سنڌو ماڻري جي سڃاڻپ

رُک سنڌي

اڄ جنهن سرزمين کي پاڪستان سڏيو وڃي ٿو، اها صرف هڪ جديد رياست نه آهي، جيڪا 1947ع ۾ ٺهي. هيءَ ڌرتي اُن تهذيبي ورثي جي امين آهي، جيڪو سياسي حدن، مذهبي سڃاڻپ ۽ نوآبادياتي سرحدن کان ڪيترو اڳ موجود هو. پاڪستان جي حقيقي سڃاڻپ — ان جي تاريخي کوٽائي، ان جي ثقافتي روح ۽ ان جي بنيادي حيثيت — سنڌو ماڻري جي تهذيب ۾ رچي ويڻي آهي. دنيا جي قديم ترين ۽ نفيس شهري تهذيبن مان هڪ سنڌو تهذيب، انسانيت کي علم، فن، شهري منصوبا بندي ۽ سماجي تنظيم جو اهڙو تصور ڏنو، جيڪو ترتيب، تخليق ۽ وحدت کي نمايان ڪندو هو.

تاريخي تسلسل

پاڪستان جي تاريخ کي رڳو ورهاڱي کان شروع نه ٿو ڪري سگهجي. اها تاريخ هزارين سالن پويان وڃي ٿي، جڏهن موئن

جو ڏڙو ۾ هڙپا جهڙا شهر شهري زندگي جا زنده مرڪز هئا. هتي ئي سپ ڪان اڇي لکٽي، ماپ ۾ تور جا معيار، منصوبا بند عمارتون ۾ پاڻيءَ جو انتظام وجود ۾ آيو، جنهن سنڌو ماڻري کي بين النهرين ۽ مصر جي قديم تهذيبن جي برابر جڳهه ڏني.

برطانوي ماهر **سر جان مارشل(Sir John Marshall)** ، جنهن موئن جو ڏڙو جي کوجنا جي اڳواڻي ڪئي، پنهنجي رپورٽ *Mohenjo-daro and the Indus Civilization (1931)*۾ سنڌو تهذيب کي دنيا جي سپ ڪان اعليٰ شهري تمدنن مان هڪ قرار ڏنو. اهڙيءَ طرح **سر مارٽيمر وِيلر Sir) (Mortimer Wheeler**، جيڪو پاڪستان جي آثار قديمه ڪاتي جو باني هو، لکي ٿو ته:

"The Indus Valley Civilization was not an isolated culture, but a dynamic urban society with far-reaching connections."

پاڪستاني مؤرخ **ڊاڪٽر احمد حسن داني Ahmad Hasan) (Dani۽ ڊاڪٽر حميده کهڙو (Hamida Khuhro)** به ان ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته پاڪستان جي اصل تاريخ سنڌو ماڻري جي تهذيب کان شروع ٿئي ٿي، نه رڳو جديد سياسي دور کان.

مقامي سڃاڻپ ۽ ثقافتي وراثت

سنڌو ماڻري جا ماڻهو ڪنهن ٻاهرين سرزمين مان مهاجر ٿي نه آيا هئا؛ اهي هتيءَ جي ڌرتيءَ جا ئي پيدائشي هئا. هزارين ورهين تائين انهن پنهنجيون ٻوليون، هنر، زراعت ۽ ثقافتي روايتون پاڻ ۾ ترقي ڏنيون.

هندستاني مؤرخ **اِرفان حبيب (Irfan Habib)** پنهنجي ڪتاب *People’s History of India: The Indus Civilization* ۾ لکي ٿو ته سنڌو ماڻري جا رهواسي "autochthonous" يعني پنهنجي ڌرتيءَ جا ئي اصلي ماڻهو هئا، جيڪي پنهنجي علائقي ۾ ئي سماجي ارتقا جو سفر طئي ڪري آيا.

وحدت جو پيغام

ڪشمير کان ڪراچي تائين هڪ ئي تہذيب جي خوشبو محسوس ٿئي ٿي. هڪ ئي ثقافت جي روشني پکڙيل آهي. هڪ ئي قومي سڃاڻپ جي گونج ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ **شيخ ايياز** جهڙا سنڌي مفڪر بار بار اهو پيغام ڏين ٿا ته پاڪستان جي قومي وحدت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان پنهنجي تاريخ کي سنڌو ماڻري سان ڳنڍيون، چاڪاڻ‌ته اها ئي اسان جي سپني جي گڏيل وراثت آهي.

نتيجو — سڃاڻپ جي نئين تصور لاءِ سڏ

هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسان پنهنجي سڃاڻپ کي رڳو سياسي يا مذهبي عينڪ سان نه ڏسون، پر تہذيبي ۽ تاريخي بنيادن تي سمجهون.

سنڌو ماڻري جي تہذيب کي پاڪستان جي بنياد طور مڃڻ ضروري آهي — چوته اها ئي اها بنياد آهي، جيڪا اسان کي

هڪ ڪري ٿي، اسان کي متحد ڪري ٿي، ۽ اسان کي دنيا آڏو هڪ قديم، باشعور ۽ باوقار قوم طور پيش ڪري ٿي.

حوالا

1. Sir John Marshall, *Mohenjo-daro and the Indus Civilization*, London, 1931.
2. Sir Mortimer Wheeler, *The Indus Civilization*, Cambridge University Press, 1953.
3. Ahmad Hasan Dani, *History of Pakistan: Pakistan Through Ages*, National Book Foundation, Islamabad.
4. Hamida Khuhro, *Sindh Through the Centuries*, Oxford University Press, Karachi.
5. Irfan Habib, *The Indus Civilization (People's History of India)*, Aligarh, 2002.
6. Nabi Bakhsh Baloch, *Sindh Ji Tarikh*, Sindhi Adabi Board, Jamshoro.
7. Shaikh Ayaz, *Kulyat*, Sindhi Adabi Board, Jamshoro.

جڏهن افغان حاڪم سنڌ جي وزيراعظم کي اغوا ڪري ورتو

ليکڪ: رُڪ سنڌي

اوڻويهين صديءَ جو ابتدائي اڌ، برصغير ۾ وچ ايشيا جي سياست ۾ هڪ هلچل پريو ۾ طوفاني دور هو. سلطنتن جي زوال ۾ نون اقتداري مرڪزن جي اپار جي وچ ۾ سنڌ جي ڌرتي به وڌين طاقتن جي ٽڪراءَ جي زد ۾ رهي. اهڙي سياسي افراتفريءَ ۾ هڪ اهڙو واقعو پيش آيو جنهن سنڌ جي سياسي منظرنامي کي چرڪائي ڇڏيو — افغان حڪمران شاهه شجاع دراني‌ءَ جو سنڌ جي وزيراعظم کي اغوا ڪرڻ وارو واقعو.

شاهه شجاع: عروج، زوال ۽ لالچ

شاهه شجاع دراني، احمد شاهه ابدالي‌ءَ جو پوٽو، 4 نومبر 1785ع تي پيدا ٿيو. هو پهريون پيرو 1803ع کان 1809ع تائين ۽ ٻيهر 1839ع کان 1842ع تائين افغانستان جي تخت تي ويٺو. ٻنهي دورن جي وچ ۾ هو هڪ بي‌تاج بادشاهه جي حيثيت سان دربدر ڦرندو رهيو ۽ پنهنجي وڃايل سلطنت ٻيهر هٿ ڪرڻ لاءِ جتي ممڪن ٿيو، فوجي ۽ سياسي چالبازيون آزمائيندو رهيو. سنڌ، خاص ڪري تجارتي شهر شڪارپور، هميشه هن جي نظر ۾ هڪ پرڪشش ۽ نفع بخش هدف رهيو.

شڪارپور تي پنجو آزمائڻ

ڪلهوڙن جي زوال ۽ ٽالپر ميڙن جي عروج سان گڏ، افغان پٺاڻ شڪارپور تي پنهنجو قبضو قائم رکندا آيا. اهو شهر ان وقت علائقي جي معيشت جو مرڪز هو، جتان تجارتي قافلا وچ ايشيا تائين رسائي رکندا هئا. شاهه شجاع لاءِ شڪارپور نه رڳو دولت جو ذريعو هو پر سنڌ ۾ سياسي اثر وڌائڻ لاءِ هڪ مضبوط اڈي جي حيثيت به رکندو هو.

1806ع ۾ شاهه شجاع پهريون پيرو شڪارپور آيو ۽ ’باغ شهزاده‘ ۾ ترسيل ٿيو. مير حاڪمن سفارتي نزاڪت کي نظر ۾ رکندي سندس مهمان نوازيءَ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي، پر اها

مهمان نوازي ميرن کي ڳري قيمت تي پئي. هڪ روايت موجب بيهه لک روپيا ۾ بيءَ موجب ڏهه لک روپيا خراج طور ادا ڪيا ويا.

ظلم ۽ جبر جي ڪهاڻي

شاهه شجاع جو شڪارپور ۾ قيام، مقامي آباديءَ لاءِ هڪ عذاب بڻجي ويو. منشي عطا محمد جي لفظن ۾:

"جتي به ڪيس ڪنهن مالدار جو پتو پوندو، هو پرواني وانگر اتي پهچي، دولت ڦري ڇڏيندو. جتي به ڪنهن ڪنوار چوڪريءَ جو ذڪر ٻڌندو، ان کي زوريءَ حرم ۾ وٺي ايندو."

عورتن جي عزتدري، دولت جي ڦرلٽ ۽ مخالفن تي ظلم — هن جا روزمرهه ڪم هئا. ڪي موقعا ته اهڙا به آيا جو هن بااثر مقامي سردارن جي نياڻين کي به زوريءَ نڪاح ۾ آندو.

وزيراعظم جو اغوا — هڪ سياسي ڏڇڪو

1810ع ۾ جڏهن ميرن خراج ڏيڻ بند ڪيو ته شاهه شجاع ٻيهر شڪارپور تي لشڪرڪشي ڪئي. هن پيري، سنڌ جي وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاريءَ کي گرفتار ڪيو. هي قدم رڳو فوجي نه پر هڪ واضح سياسي پيغام به هو — ته افغان طاقت اجا به هن علائقي ۾ پنهنجو اثر وجهي سگهي ٿي.

ميرن لاءِ اها صورتحال ناقابلِ برداشت هئي. ڳالهين جا در کوليا ويا، ۽ ڳرا تحفا گڏوگڏ ويهه لک روپيا پٽي طور ڏيڻ تي وزيراعظم جي آزادي ممڪن ٿي. ان کان پوءِ شاهه شجاع واپس ڪابل موٽي ويو، پر سنڌ جي حڪمرانن تي پنهنجي فوجي ۽ نفسياتي برتريءَ جو اثر ڇڏي ويو.

ٻڌهو پاڇو ۽ انجام

ايندڙ ڪيترن ئي سالن تائين شاهه شجاع ڪڏهن سڌي طرح ۽ ڪڏهن اڻ سڌي طرح سنڌ جي سياست ۾ مداخلت ڪندو رهيو. سندس حملا، خراج جون گهرجون ۽ ڦرلٽ، سنڌ جي امن ۽ امان کي بار بار لوڏي چڏيندیون هيون. آخرڪار 1842ع ۾ هن جو قتل ٿيو، پر لڳاتار چاليهه سال هو سنڌ لاءِ هڪ خطرناڪ سياسي وبال بڻيل رهيو.

نتيجو

شاهه شجاع جي ڪهاڻي رڳو هڪ شخص جي لالچ ۽ جبر جي تاريخ ناهي، پر هڪ عبرتناڪ سبق به آهي ته اندروني ڪمزوري، حڪمرانن جي باهمي اختلاف ۽ سفارتي ڪوٽ، هميشه بيروني طاقتن کي مداخلت جو موقعو فراهم ڪن ٿيون. جيڪڏهن سنڌ جي ان وقت جي قيادت اتحاد ۽ تدبير سان ڪم ڪري ها ته شايد افغان مداخلت ايتري وسيع نه ٿئي ها.

ارغونن جي سنڌ تي حڪومت: تاريخ، مزاحمت ۽ ثقافتي بيگانگي

رُڪ سنڌي

تمهيد

سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي دور آيا، جن هن ڌرتيءَ جي تهذيب، ثقافت ۽ سياسي خودمختياريءَ کي گهڻو متاثر ڪيو. انهن دورن مان ارغون، ترخان ۽ مغلن جو دور خاص طور تي اهم آهي، جن جي حڪومت ته مختصر هئي، پر سندن اثرات صديون جاري رهيا. سنڌ جي عظيم صوفي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي انهن دورن جي بيگانگي، ظلم ۽ ثقافتي جبر کي علامتي انداز ۾ بيان ڪيو. سندن هڪ دردناڪ شعر سنڌ جي اجتماعي سور جي ترجماني ڪري ٿو:

"پيَيم پٽاڻن سين، بولي جي نه بُجهن
آءٌ سنڌيءَ جو سعيو ڪريان، هو پارسيون پچن
مون پڻ مُلا تن، سرتيون سور پرائيو"

هي شعر انهن ڌارين حڪمرانن جي روش تي تنقيد آهي، جيڪي سنڌ تي ته قابض ٿيا، پر نه سنڌي ٻولي سمجهي، نه سنڌي ماڻهن جي ثقافت، احساسن ۽ دردن کي. شاهه لطيف هن شعر ۾ سنڌ جي عوامي درد، ثقافتي بيگانگي ۽ غلاميءَ جي احساس کي علامتي انداز ۾ بيان ڪيو.

ارغون خاندان جو تاريخي پس منظر

ارغون خاندان جو نسبي سلسلو چنگيز خان سان وڃي ملي ٿو. ذوالنون بيگ ارغون، سلطان حسين بايقرا طرفان قندار جو حاڪم هو. جڏهن شيباني خان سان جنگ ۾ ذوالنون مارجي ويو، ته سندس پٽ شاهه بيگ ارغون قندار جو حاڪم مقرر ٿيو. بعد ۾ هن سنڌ تي حملو ڪري سمن خاندان جي آخري حاڪم ڄام فيروز کان حڪومت کسي ورتي. اهڙيءَ طرح 1520ع ۾ سنڌ تي ارغونن جي حڪومت جو آغاز ٿيو.

سنڌ تي حملن ۽ قبضي جي ڪهاڻي

سبيءَ جي جنگ (1485ع)

ارغونن سبيءَ تي حملو ڪيو، جيڪو سنڌ جو اهم سرحدي شهر هو. ڄام نظام الدين دريا خان کي سبي واپس وٺڻ جو حڪم ڏنو. دريا خان ارغونن کي شڪست ڏئي سنڌ جي حاڪميت بحال ڪئي. هن جنگ ۾ ذوالنون جو پٽ سلطان محمد مارجي ويو.

ٺٽي جي جنگ (1520ع)

ڄام نظام الدين جي وفات کان پوءِ سنڌ ۾ سياسي انتشار پيدا ٿيو. شاهه بيگ ارغون ان موقعي مان فائدو وٺي ٺٽي تي حملو ڪيو. دريا خان بهادريءَ سان مقابلو ڪيو پر شهيد ٿي ويو. ارغونن ٺٽي شهر کي نوَ ڏينهن ڦريو ۽ ساڙيو. بعد ۾ قاضي قادن جي اپيل تي قتل ۽ ڦرلٽ بند ٿي. ڄام فيروز ۽ شاهه بيگ وچ ۾ صلح ٿي، جنهن تحت سنڌ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي: ڏکڻ سنڌ ڄام فيروز جي حوالي ۽ اتر سنڌ شاهه بيگ جي قبضي هيٺ آئي.

ارغون دور جا سماجي، ثقافتي ۽ سياسي اثرات

ارغونن جي حڪومت سنڌ جي سماجي، ثقافتي ۽ سياسي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو:

- سنڌ جا قلعا، وسنديون، مال ملڪيتون ڌارين جي قبضي ۾ آيون.
- خراسان مان آيل اميرن ۽ پناهگيرن سنڌ جي امن پسند فضا کي بگاڙي ڇڏيو.
- سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ روايتن کي نظرانداز ڪيو ويو.
- سنڌي ماڻهن جي حوصلي، فڪر ۽ خوديءَ کي وڏو ڇيهو رسيو.

شاهه لطيف جو شعر انهيءَ بيگانگي ۽ ثقافتي جبر جي علامت آهي.

شاهه حسن ارغون ۽ ترخانن جو دور

شاهه بيگ کان پوءِ سندس پٽ شاهه حسن ارغون تخت تي ويٺو. هن ملتان فتح ڪيو، بکر ۽ سيوهڻ جا قلعا مضبوط ڪيا. 1555ع ۾ سندس وفات کان پوءِ ترخان خاندان سنڌ تي قابض ٿيو. ارغون-ترخان دور مجموعي طور فقط 36 سالن تائين رهيو، پر ان جا اثر ايندڙ ٽن صدين تائين سنڌ تي قائم رهيا.

سنڌ جي مزاحمت ۽ قربانيون

دريا خان جا پٽ محمود خان، مونڙ خان ۽ چام سارنگ مزاحمت لاءِ تيار ٿيا. ٽلٽيءَ جي جنگ ۾ سوين بي مثال بهادري ڏيکاري، پر وڏي انگ ۾ شهيد ٿيا. شاهه بيگ باغبان، سيوهڻ ۽

بکر ۾ بغاوتن کي چيڀاٽيو، پر سنڌ ۾ ڪڏهن به سکون سان نه رهي سگهيو.

خوني برج جو واقعو

بکر ۾ ڏاريجا قبيلي بغاوت ڪئي، جنهن کي مير فاضل ۽ سلطان محمود سختيءَ سان دٻايو. ستاويهن سردارن کي موقعي تي سزايابَ ڪيو ويو، باقي بچيلن کي رات جو قتل ڪري درياهه ۾ اڇلايو ويو. اهو برج، جتان لاشون درياهه ۾ اڇلايا ويا، پوءِ "خوني برج "جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

اختتامي ڪلمات

ارغون، ترخان ۽ مغل دور جي مختصر حڪمراني سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ ثقافتي بنيادن کي صديون متاثر ڪيو. شاهه لطيف جو شعر ان دور جي بيگانگي، ظلم ۽ سنڌي سڃاڻپ جي پاماليءَ جو گهاڻو اظهار آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ هي دور غلامي، مزاحمت ۽ قربانين جو باب آهي، جنهن کي ياد رکڻ ۽ سمجهڻ اڄ به انتهائي ضروري آهي.

هالاڻي جي جنگ: ڪلهوڙن کان ٽالپرن تائين حڪومتي تبديلي جو تاريخي احوال

ليکڪ :رڪ سنڌي

تاريخي پس منظر

سنڌ جي تاريخ ۾ هالاڻي جي جنگ هڪ اهم موڙ آهي، جنهن رڳو ٻن خاندانن جي وچ ۾ اقتدار جي تبديلي نه آندي، پر سنڌ جي سياسي، فوجي ۽ قبائلي نظام کي به نئون رخ ڏنو. مغل سلطنت جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ مقامي حڪمرانن لاءِ آزاديءَ جا موقعا پيدا ٿيا. انهن ۾ ڪلهوڙا خاندان سڀ کان اڳيان هو.

ڪلهوڙا حڪمرانيءَ جي اوسر

ميان يار محمد ڪلهوڙو، جيڪو مذهبي پيشوا ۽ سياسي اڳواڻ پڻهي حيثيتن سان سڃاتو ويندو هو، 1701ع ۾ سنڌ تي حڪمرانيءَ جو بنياد وڌو. سندس حڪومت جو دارومدار قبائلي اتحاد، مذهبي اثر ۽ فوجي طاقت تي هو. ڪلهوڙا دور ۾ سنڌ هڪ حد تائين خودمختيار هئي، پر دربار اندر قبائلي اختلاف، مالياتي بدانتظامي ۽ مرڪزي فوجي ڪمزوري سبب حڪمرانيءَ ۾ دراڙون پيون.

ٽالپرن جو عروج

ٽالپر بلوچ، اصل ۾ ڪلهوڙن جي فوج ۾ اهم عهدن تي فائز هئا. وقت سان گڏ سندن سياسي اثر وڌي ويو. ٽالپر اڳواڻ مير فتح علي خان وٽ قبائلي اتحاد کي منظم ڪرڻ ۽ فوجي حڪمت عمليءَ جي صلاحيت هئي. جڏهن ڪلهوڙا ڪمزور ٿيا، ٽالپر طاقتور متبادل طور اپريا.

جنگ جو جغرافيائي ۽ سماجي منظرنامو

هالاڻي جو ميدان، جتي هي جنگ لڳي، اڄ موجوده نيشنل هاءِ وي جي پرسان آهي، ۽ تاريخي رڪارڊ مطابق اهو ميدان چار ديهن تي پکڙيل هو:

1. پير وتيو
2. هالاڻي
3. بهلاڻي
4. نئون آباد

هتي اڄ به ٻه اهم قبرستان موجود آهن:

- **دلو مشائخ جو قبرستان** –جتي ڪلهوڙن جي ڇانوڻي هئي ۽ ڦاسي گهاٽ پڻ موجود هو، جنهن کي مقامي ماڻهو ”سُوري“ چون ٿا.
- **پير بالو جو قبرستان** –ٽالپرن جي ڇانوڻيءَ جو هنڌ، جيڪو هالاڻي – محرابپور ريلوي لائين جي ڀڪڻ ۾ آهي.

انهن قبرستانن ۽ آس پاس جي هنڌن تي اڄ به جنگ جي نشانيون ۽ مقامي روايتون زنده آهن، جيڪي ان وقت جي خوني مقابلي کي ياد ڏيارين ٿيون.

فوجي تياري ۽ صف بندي

ڪلهوڙا لشڪر

- **تعداد :**لڳ ڀڳ 30,000 سپاهي.
- **قبيلائي جٽا :**ليکي، کوسا، نومڑيا ۽ ٻين مقامي قومن جا ماڻهو.
- **اتحادي :**ٻڌاڻ سپاهي ۽ قلات جي خان جي فوج جا دستا.
- **اهم اڳواڻ:**
  - محمد حسن کهاوڙ (سپهه سالار(
  - ڏگاڻو خان جتوئي (ساهتي پرڳڻي جو گورنر)
  - بلاول ليکي (راجو ليکيءَ جو پٽ)

ٽالپر لشڪر

- **تعداد :**شروعاتي طور تي لڳ ڀڳ 6,000، پر قبائلي اتحاد سان گڏ تعداد 30,000 جي لڳ ڀڳ.
- **اهم اڳواڻ:**
  - مير فتح علي خان ٽالپر (سردار ۽ سپهه سالار(
  - مير باگو خان، مير الهيار خان، مير ٽارو خان
  - مير سهراب خان، نندو خان پرڳڻي

جنگ جو تفصيلي احوال

1782ع ۾ ٻنهي لشڪرن ۾ ڇڪتاڻ پنهنجي عروج تي پهتي. ڪلهوڙا لشڪر "پير ولي درويش" (دلو مشائخ) جي قبرستان وٽ ڇانوٽي هنئي، جڏهن ته ٽالپر لشڪر "پريالوءِ" وٽ مورچا بندي ڪئي.

شروعاتي حملو
جنگ جي شروعات سخت تيراندازي ۽ نيزابازي سان ٿي. ٽالپر فوج، تعداد ۾ گهٽ هجڻ باوجود، پنهنجي صف بندي ۽ حڪمت عمليءَ ۾ منظم هئي. مير فتح علي خان پنهنجي فوج کي ننڍن ۽ تيز حرڪت ڪندڙ دستن ۾ ورهايو، جيڪي دشمن جي ڪمزور هنڌن تي حملا ڪندا رهيا.

فيصلائتي لمحو
محمد حسن کهاوڙ ڪلهوڙن جي طرفان نهايت بهادريءَ سان وڙهيو. پر هڪ سخت مقابلي ۾ هو مير فتح علي خان جي هٿان مارجي ويو، جنهن سان ڪلهوڙا لشڪر جي قيادت ڪمزور ٿي پئي. ان سان گڏ پٺاڻ ۽ ٻيا اتحادي به ميدان ڇڏي پڇڻ لڳا.

ميان عبدالنبي جي پاڄ
ميان عبدالنبي لشڪر جي شڪست ڏسي، بهلاڻي پرسان هڪ ٻيڙي ۾ لڪي ويو، پوءِ ٻيڙيءَ وسيلي درياهه پار ڪري ٺڪرن ڏانهن هليو ويو، ۽ آخرڪار جوڌپور پهچي پناهه ورتي. هو 1805ع ۾ راجنپور ۾ وفات ڪري ويو.

نتيجا ۽ سياسي اثرات

1. **حڪومتي تبديلي :**ڪلهوڙن جي 82 سالن جي حڪمراني ختم ٿي، ۽ ٽالپرن جو دور شروع ٿيو (1783ع – 1843ع).
2. **قبائلي اتحاد جي اهميت :**ٽالپرن جي ڪاميابي سندن قبائلي اتحاد، منظم فوجي حڪمت عملي ۽ مقامي حمايت جي نتيجي ۾ ممڪن ٿي.
3. **سياسي استحڪام :**شروعاتي ٽالپر دور ۾ نسبي امن آيو، پر برطانوي اثر آهستي آهستي وڌندو ويو، جيڪو

آخرڪار 1843ع ۾ سنڌ جي برطانوي قبضي تي ختم ٿيو.

جنگ کان پوءِ جا واقعا

مير فتح علي خان نوشهري فيروز ۾ فاتح جي حيثيت سان دربار سجائي، مخالف سردارن کي معافي ڏني ۽ وفادارن کي انعام اڪرام عطا ڪيا. ڪلهوڑا حامي ڪيترائي سردار ٽالپرن سان بيعت ٿي ويا، جنهن سان سندن حڪمراني مضبوط ٿي.

ضميمو: ڪلهوڑا ۽ ٽالپر حڪمرانن جا مختصر پروفائيل

ڪلهوڑا حڪمران (1701ع – 1783ع)

1. **ميان يار محمد ڪلهوڑو** (1701ع – 1719ع) – حڪمرانيءَ جو باني، مغل دور ۾ سنڌ جو گورنر، زراعت ۽ آبپاشي ۾ سڌارا.
2. **ميان نور محمد ڪلهوڑو** (1719ع – 1755ع) – ڪلهوڑا حڪومت جو عروج، فوجي توسيع، شهرن جي آبادڪاري.
3. **ميان مرادياب خان ڪلهوڑو** (1755ع – 1758ع) – مختصر دور، قبائلي اختلاف.
4. **ميان غلام شاهه ڪلهوڑو** (1758ع – 1772ع) – سياسي قابليت، پڪو قلعو تعمير، نون شهرن جي بنياد.
5. **ميان سرفراز خان ڪلهوڑو** (1772ع – 1775ع) – اندروني سازشون ۽ ڪمزوريون.
6. **ميان عبدالنبي ڪلهوڑو** (1775ع – 1783ع) – آخري حڪمران، هالاڻي ۾ شڪست، جلاوطني.

ٽالپر حڪمران (1783ع – 1843ع)

1. **ميرفتح علي خان ٽالپر** (1783ع – 1801ع) – حڪمرانيءَ جو باني، هالاڻي جو فاتح، قبائلي اتحاد جو سرواڻ.
2. **ميرڪرم علي خان ٽالپر** (1801ع – 1828ع) – امن ۽ تعميراتي منصوبن جو حامي، حيدرآباد جي آبادڪاري.
3. **ميرمراد علي خان ٽالپر** (1828ع – 1833ع) – واپار جي واڌاري جون ڪوششون، برطانوي اثر هيٺ دور.
4. **ميرنصير خان ٽالپر** (1833ع – 1843ع) – آخري حڪمران، مياني ۽ ڏٻي جي جنگين ۾ شڪست، سنڌ تي برطانوي قبضو.

حوالا

1. بريلوي، غلام رسول. *سنڌ جي تاريخ ۾ ڪلهوڙا ۽ ٽالپر*. حيدرآباد: مهراڻ اڪيڈمي، 1985ع.
2. لغاري، حفيظ. *هالاڻي جي جنگ جو احوال*. ساهتيه رسالو، جنوري 1992ع.
3. ميمڻ، محمد صديق. *نواب شاهه جا تاريخي مقام*. نواب شاهه: ضلعي آرڪائيو، 2003ع.

ٿر ۾ سوڍن ۽ ڪولهين جي مزاحمت

ليکڪ: رڪ سنڌي

تعارف

1843ع ۾ جڏهن برطانوي ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ تي حملي ڪري ڪلهوڙن ۽ پوءِ ٽالپر حڪمرانن کي شڪست ڏني، تڏهن سنڌ تي انگريزن جي حاڪميت جو دور شروع ٿيو. پر سنڌو درياهه جي ڪنارن کان پري، ريگستاني ٿر هڪ اهڙو ميدان بڻيو جتي هندستان جي تاريخ جي سڀ کان ڊگهي ۽ پختي مزاحمتن مان هڪ شروع ٿي.

ٿر جا سوڍا راجپوت ۽ ڪولهي قبيلا ـ جن جا اڳواڻ **روپلو ڪولهي، راني ڪرن جي** ۽ **رتن سنگھ سوڍيو** هئا ـ نئين آيل انگريز حڪمرانن آڏو جهڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سورهين ورهين تائين (1843 کان 1859) هي جنگ، سلطنتن يا باقاعده فوجن جي بدران، ريگستاني قبيلا وڙهندا رهيا جن جي بهادري، حڪمت عملي ۽ آزاديءَ جي شوق ٿر کي انگريزن لاءِ هڪ اڻ مٽ تڪليف بڻائي ڇڏيو.

ٿر جي جاگرافي ۽ حڪمتِ عملي واري اهميت

ٿر جو ريگستان، جيڪو اڄ جي سنڌ، راجستان ۽ ڪڇ تائين پکڙيل آهي، رڳو بنجر زمين نه هو، پر هڪ قدرتي قلعي جي حيثيت رکندو هو. ٿر جي سخت آبهوا، اڻ لڀ پاڻيءَ جا ذخيرا ۽ ريتيلي ٽڪرين جو جهنگ اتي رهندڙن لاءِ بچاءَ جا فطري هٿيار هئا .**ڪروڙن جهڙا جبل،** جيڪي ننگرپارڪر ۾ اوچتا اپرندا آهن، مقامي جنگين لاءِ پناهه گاهه ۽ قلعو هئا. اهڙي ماحول ۾، انگريزي فوج جي جديد هٿيارن جو فائدو گهٽو پيرو بيڪار ٿي ويندو هو.

برطانوي قبضي کان پوءِ جي بيچيني

سنڌ تي قبضي کان پوءِ انگريزن ٿر ۾ انتظامي ڍانچي کي نئين سر ترتيب ڏنو:

- **1844ع** ۾ پارڪر ۽ ڪنڌ (مٹي ۽ ڏيپلو سميت) ڪڇ جي اسسٹنٽ پولٽيڪل ايجنٽ رکس جي هيٺ آندا ويا، جڏهن ته ٿرگڑهه،چاچرو ۽ عمرڪوٽ ميرپورخاص جي ڊپٽي ڪليڪٽر حوالي ڪيا ويا.

- مقامي رهاڻين ۾ سردارن جا روايتي حق ختم ڪيا ويا.
- چراگاهن ۾ مال مويشي تي ٽيڪس لاڳو ڪيا ويا، جنهن سان اقتصادي آزادي ۽ سياسي حيثيت ٻنهي تي ڏڪ پيو.

هي سڀ سوڍا راجپوتن ۾ ڪولهي اڳواڻن لاءِ ناقابلِ برداشت هو . **1846ع** ۾ **رتن سنگھ سوڍو** هٿياربند بغاوت ڪئي ـ جيڪا ٽر ۾ انگريزن خلاف پهرين منظم بغاوت هئي. نتيجو ته بي فيصلا رهيو، پر انگريزن رتن سنگھ کي ڏوڪي سان گرفتار ڪري 1866ع ۾ ڦاسي ڏني.

روپلو ڪولهيءَ جو اپار ۽ گوريلا جنگ

حقيقي موڙ **15اپريل 1859ع** تي آيو، جڏهن **روپلو ڪولهي** ـ هڪ غير معمولي حڪمت عملي رکندڙ سالار ـ ڪليل بغاوت جو اعلان ڪيو.

- هن **اٺ هزار کان وڌيڪ ڪولهي سپاهي** گڏ ڪيا.
- سرڪاري آفيسن تي حملو ڪيو، رڪارڊ ساڙي ڇڏيا، ۽ خزانا لٽي ورتا.
- ٽي پيرا انگريزي فوجن کي شڪست ڏني، رات جي ڇاپن ۽ ريگستاني لڪ لڪاءَ واري حڪمت عملي سان دشمن کي حيران ڪري ڇڏيو.

جواب ۾، ڪرنل ايونس حيدرآباد مان توپون ۽ فوجي گڏ ڪري ٽر ڏانهن وڌيو، پر روپلو جا ساٿي مهينن تائين مقابلو ڪندا رهيا.

چندن گڑھه جو محاصرو

جبلن جي مٿان **چندن گڑھه** نالي قلعو هو، جيڪو مزاحمت جي علامت بڻيل هو **3** .**مئي 1859ع** تي انگريزي توپن جي شديد حملي کان پوءِ قلعو پڇي پٽ ڪري ڇڏيو ويو. روپلو جا ساٿي ريگستان ۾ پکڑجي وري گوريلا جنگ جاري رکندا رهيا.

ٻيا اڳواڻ ۽ بهادريءَ جا قصا

هي مزاحمت رڳو روپلو تائين محدود نه هئي .**راني ڪرن جي، راجا لڌو سنگھ ويراوھ، پوپت سنگھ** ۽ **اُدھي سنگھ سوڍيو** جھڑا اڳواڻ اهم ڪردار ادا ڪندا رهيا.

- اُدھي سنگھ جيلن مان قيدين کي آزاد ڪرايو ۽ ڪرنل ٽراٽ جي لشکر تي حملو ڪري کيس پڇڙ تي مجبور ڪيو.
- راني ڪرن جي مهينن تائين گرفتار نه ٿي، پر آخرڪار غداريءَ سبب هٿ آئي ۽ کيس “ڪالا پاڻي” (انڊمان ٻيٽ) جلاوطن ڪيو ويو.

غداري ۽ انجام

پنج مهينا جنگ کان پوءِ روپلو ڪولهي گرفتار ٿي ويو. نه رشوت قبول ڪئي، نه ساٿين جو پتو ڏنو. آخرڪار، مقامي غدار **سيٹ مهاوجي لوهاڻو** ۽ **هانس پوري باوي** جي مدد سان انگريزن اڳواڻن کي پڪڑي مزاحمت جو نيٽورڪ ٽوڙي ڇڏيو. جن سردارن مزاحمت ڪئي، سندن زمينون ضبط ڪيون ويون، جڏهن ته غدارن کي زمينون ۽ آمدنيءَ جا انعام مليا.

آگسٽ 1859ع ۾ انگريزن پارکر تي ڪنٽرول قائم ڪيو، پر ٿر جو ريگستان انهن کان وڌو قيمت وٺي چڪو هو. روپلو ڪولهي جي قاسيءَ سان مسلح مزاحمت ختم ٿي وئي.

ورثو

ٿر جا سوڀا، ڪولهي، پيل ۽ خوسا نه ڪنهن سلطنت جي خواهش ۾، پر عزت، آزادي ۽ پنهنجي طرز زندگي بچائڻ لاءِ وڙهيا. سندن بهادري ۽ قرباني ڏاکڻي ايشيا جي آزاديءَ جي تاريخ جو سنهري باب آهي.
اڄ روپلو ڪولهيءَ جو نالو سنڌ جي گڏيل يادگيرين ۾ امر آهي، هڪ شهيد جي حيثيت ۾ جنهن موت قبول ڪيو پر غلامي نه. ڪروڙن جا جبل اڄ به سندس داستانن سان گونجن ٿا، جڏ ٻڌائين ته ريگستان جي هر ڪنڊ ۾ آزاديءَ جي تڙپ زندهه آهي.

خاصائي واري جنگ ـ سنڌين جي جدوجهد جا داستان

رڪ سنڌي

خاصائي واري جنگ سنڌ جي ماڻهن ۽ ارغونن جي قابض فوجن جي وچ ۾ موجوده ضلعو ڄامشورو جي ڳوٺ **خاصائي** وٽ لڳي هئي. هن ڳوٺ جي هڪ ٻي اهم خاصيت اها به آهي ته ان جي پرسان سنڌ جي نامياري سپه سالار **دولهه درياءَ خان** جي اوطاق (ماڙي) موجود هئي. اها اوطاق اڄ به گوپانگ ريلوي اسٽيشن پرسان زبون حالت ۾ موجود آهي، جنهن کي مقامي ماڻهو *دولهه درياءَ خان جي ماڙي* يا *اوطاق* چون ٿا. پير علي محمد راشدي

پنهنجي ڪتاب *اُهي ڏينهن اُهي شينهن* ۾ لکي ٿو ته جڏهن دولهه درياءَ خان، جيڪو سمن دور جو سپه سالار هو، ننڍي (ان وقت جي گاديءَ جو هنڌ) کان باغبان ٽلٽي پنهنجي ڳوٺ ويندو هو ته انهيءَ ماڙيءَ ۾ ترسندو هو.

ارغون دور جو پس منظر

ارغونن 1520ع کان 1555ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. ان کان اڳ سنڌ تي سمن ڇامن جي آزاد حڪومت قائم هئي، جنهن کي 1520ع ۾ ختم ڪيو ويو. شاهه بيگ ارغون جي وفات کان پوءِ سندس پٽ **مرزا شاهه حسن ارغون** سنڌ جي تخت تي ويٺو.

مانجهند ۽ خاصائي

ضلع ڇامشوري جي تعلقي مانجهند جو ڳوٺ **خاصائي** هڪ اهم تاريخي ماڳ آهي. مانجهند شهر به پيرا سنڌو درياهه جي ٻوڏ سبب لڙهي ويو، جڏهن ته موجوده مانجهند ٽيون پيرو آباد ٿيو.

قديم زماني ۾ مانجهند سنڌو درياهه جي ڪناري هجڻ ڪري وڏو واپاري مرڪز هو. هتان جا سوداگر، جن کي سڄي دنيا ۾ *سنڌ ورڪي* سڏيو ويندو هو، پنهنجي واپار کي جاوا، سري لنڪا، گجرات، روم، ايران، عراق، آفريڪا ۽ يورپ تائين وڌايو. قديم شهر مانجهند ۾ وڏيون ۽ سهڻيون عمارتون ٺهيل هيون.

هن تعلقي ۾ ئي **رني ڪوٽ قلعو** موجود آهي، جيڪو 32 ڪلوميٽرن تي ڦهليل آهي ۽ "ديوار سنڌ" جي نالي سان مشهور آهي. اڄ اهو تاريخي ۽ سياحتي مرڪز طور اهم حيثيت رکي ٿو. ساڳئي علائقي ۾ ئي **مخدوم بلاول** کي به ارغونن گهٽي ۾ پيڙائي شهيد ڪيو هو. سندن پوئلڳ **سيد حيدر سنائي** پڻ ارغونن خلاف سخت مزاحمت ڪئي. اهڙيءَ ريت هي علائقو

به سنڌ جي ٻين حصن وانگر هميشه ڌارين خلاف ويڙهه جو ميدان رهيو.

خاصائي واري جنگ

خاصائي جي ميدان ۾ سنڌين ارغونن خلاف زبردست مقابلو ڪيو. ارغونن سنڌ تي قبضو ڄمائڻ کان پوءِ مقامي ماڻهن تي جبري محصول لاڳو ڪيا، ڳوٺن تي قرلڻ ڪئي ۽ زمينون ضبط ڪيون، جنهن ڪري سنڌي عوام بغاوت ڪئي. هي جنگ سنڌ جي آزاديءَ جي حفاظت ۽ غلاميءَ جي انڪار جي علامت بڻجي وئي.

جنگ جي شروعات ۾ سنڌين بهادريءَ سان وڙهي ارغونن کي شڪست ڏني ۽ کين پٺڀ تي مجبور ڪيو. پر هڪ مرحلي تي **غداري** سبب جنگ جو رخ تبديل ٿي ويو ۽ سوين سورمائن جي شهادت جي باوجود جنگ شڪست ۾ بدلجي وئي.

غداري ۽ عوامي يادگيريون

علائقي جي وڏن جو چوڻ آهي ته غداري ڪنهن پوري برادري نه ڪئي، پر ڪجهه فرد ذاتي فائدي لاءِ ارغونن جي مدد ڪئي. پوءِ انهن غدارن کي سماجي بائيڪاٽ جو منهن ڏسڻو پيو ۽ وقت سان گڏ سندن نالو نشان به تاريخ مان مٽجي ويو.

عوامي قربانيون

هن جنگ ۾ **دولهه درياءَ خان** جا پوئلڳ وڏي انگ ۾ شامل ٿيا، جاڪاڙتہ ان علائقي ۾ سندس اثر رسوخ تمام گهڻو هو. ان سان گڏوگڏ **انڑپور، بڊپور، بيلا انڑ، آمري، مانجهند، پورو واهه، ڊاپري، جهلو، ڪاچي، لاکڑي، لکي، نورپور، راجڑي، سن، ٽيبات** ۽ ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن جا ماڻهو وطن جي حفاظت لاءِ سر ڏيڻ لاءِ ميدان ۾ لٿا.

شامل برادريون

هن جنگ ۾ **مانجهندي، پنپرا، چاچڙ، گائينچا، کماڻ، ڪوريجا، لاکا ۽ راجڙي** برادريون خاص طور تي ارغونن خلاف سامهون آيون. سندن وڏا ٻڌائيندا آهن ته جيتوڻيڪ هو جديد هٿيارن ۽ فوجي تربيت کان محروم هئا، پر سندن جي پٽن پنهنجي بهادريءَ سان دشمن کي دهلائي ڇڏيو.

نتيجو

خاصائي واري جنگ سندن جي عوامي مزاحمت جو هڪ عظيم نشان آهي. جيتوڻيڪ هي جنگ شڪست تي ختم ٿي، پر هن ۾ ڏنل قربانيون ۽ ڏيکاريل سورهيائي اڄ به سندن جي تاريخ ۾ فخر جو مقام رکن ٿيون. سندن اڄ به انهن شهيدن تي ناز ڪري ٿي جن وطن جي تحفظ لاءِ پنهنجون حياتيون قربان ڪيون.

ارغونن جا حملا ۽ ملتان جو الميو: جڏهن ماڻهو ڪتا ۽ ٻليون کائڻ تي مجبور ٿيا

ليکڪ: رُڪ سنڌي

تمهيد

سنڌ ۾ ملتان جي تاريخ ڏارين حملي آورن جي داستانن سان پريل آهي. هر نئون حمله آور رڳو سياسي غلبو حاصل ڪرڻ لاءِ نه ايندو هو، پر عوام جي وسيلن کي تاراج ڪرڻ ۽ سندن نفسياتي مزاحمت کي ٽوڙڻ لاءِ به ڪوشان هوندو هو. اهڙن ئي دورن مان هڪ دور **ارغون گهراڻي** جو آهي. مرزا شاهه حسن ارغون (1524ع–1555ع) جي حڪومت خاص ڪري عوام لاءِ هڪ انساني الميو ثابت ٿي، جنهن ۾ ملتان جو هڪ ساله محاصرو سڀ کان ڏکوئيندڙ باب آهي.

شاهه حسن ارغون جي اقتدار جو پس منظر

شاهه بيگ ارغون جي وفات (1524ع) کان پوءِ سندس پٽ مرزا شاهه حسن تخت تي ويٺو. نصرپور ۾ تخت نشيني کان پوءِ هن پنهنجي حڪومت کي مڪمل فوجي طاقت جي بنيادن تي منظم ڪيو. ٽٽي تي ڪاهه ڪري جام فيروز کي پڃائي ڇڏيو ۽ پوءِ بدين ۽ ڪڇ سان معرڪا لڙيا .**تاريخ معصومي** ۾ لکيل آهي:

"مرزا شاهه حسن جي فوج ٽٽي تي حملو ڪري شهر تي قبصو ڪيو. جام فيروز پڇي ڪڇ ڏانهن ويو، ۽ ان کان پوءِ سنڌ جي سڄي حڪومت ارغونن جي قبضي ۾ آئي".
(تاريخ معصومي، ص 112)

ملتان تي نظر ۽ فوجي مهم

بکر ۾ پنهنجو مرڪز قائم ڪرڻ کان پوءِ مرزا شاهه حسن جي توجهه ملتان ڏانهن ٿي. ملتان تي **لانگاهه گهراڻو** حڪمراني ڪري رهيو هو، پر سندن سياسي طاقت ڪمزور ٿي رهي هئي. مرزا شاهه حسن لاءِ ملتان تي قبضو اقتصادي ۽ فوجي بنهي اعتبارن سان ضروري هو.

طبقات اڪبري ۾ بيان ٿيل آهي:

"ملتان جي حاڪم حسين لانگاهه جي حڪومت ڪمزور هئي. مرزا شاهه حسن ارغون ان موقع کي غنيمت ڄاڻي قلعي تي گهيرو ڪيو".
)طبقات اڪبري، جلد 2، ص 245(

ملتان جو هڪ ساله محاصرو

1526ع جي آخر ۾ ارغونن ملتان جو گهيرو ڪيو. حسين لانگاهه گهٽين ڪوششن سان صلح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر شاهه حسن انڪار ڪيو. گهيرو لڳاتار هڪ سال تائين جاري رهيو.

- شهر ۾ اناج ختم ٿي ويو.
- ماڻهو ربَ ۽ شوروو سان پيٽ پرڻ لڳا.
- آخرڪار شهر وارا **ڪتن ۽ بلين جو گوشت کائڻ تي مجبور ٿيا**.

تاريخ معصومي ان منظر کي هن ريت بيان ڪري ٿي:

"محاصري سبب شهر جا ماڻهو بک ۾ رڙيون ڪندا هئا. اناج نايابَ ٿيو. حيوانن جا گوشت، بلڪه ڪتن ۽ بلين کي به گوشت

وانگر استعمال ڪيو ويو".
(تاريخ معصومي، ص 118)

قلعي جو قبضو ۽ قتلِ عام

15جنوري 1527ع تي ارغونن لوهه جو دروازو ٽوڙي قلعي ۾ گهڙي آيا. پوءِ قتل عام ۽ ڦرلٽ جو سلسلو 12 ڏينهن تائين جاري رهيو.

طبقات اڪبري ۾ هن قتلِ عام جو ذڪر هن ريت آهي:

"جڏهن دروازو ٽٽيو ته لشڪر اندر گهڙيو. مرد، عورت ۽ ٻار، ڪنهن کي به بخشيو نه ويو. ڪيترن کي درگاهن ۽ خانقاهن ۾ گولي گولي قتل ڪيو ويو".
(طبقات اڪبري، جلد 2، ص 247)

ان سان گڏ، سلطان محمود لانگاهه جي پٽ حسن ۽ سندس ڏيءَ کي قيد ڪيو ويو. ڏيءَ کي زوريءَ شاديءَ ۾ ڏنو ويو، جيڪو عوام لاءِ وڏيڪ توهين جوڳو عمل هو.

تاريخي ۽ تحقيقي جائزو

ملتان جي محاصري ۽ قتل عام جا حوالا مختلف ذريعن ۾ مليا آهن. سڀني مؤرخن انهي ڳالهه تي متفق آهن ته هي محاصرو عوام لاءِ هڪ انساني المیو هو.

1. **تاريخ معصومي** ان کي عوامي بيوسيءَ جو باب سڏيو آهي.
2. **طبقات اڪبري** ارغونن جي بي رحميءَ جو تفصيل ڏئي ٿو.

3. مقامي روايتن ۾ ملتان جي ماڻهن جي بک ۽ اَڄ کي اهڙو عذاب قرار ڏنو ويو آهي، جيڪو فقط ڏارين جي ظلم سبب هو.

نتيجو

شاهه حسن ارغون جي حڪومت مسلسل جنگ، قتل ۽ ڦرلٽ ۾ گذري. سندس سڀ کان وڏو ڏوهه ملتان جي هڪ ساله محاصري ۾ ظاهر ٿيو، جتي ماڻهو بيوسيءَ سبب ڪتن ۽ ٻلين جو گوشت کائڻ تي مجبور ٿيا.

هي واقعو رڳو تاريخي يادگار نه آهي، پر اهو سبق به ڏئي ٿو ته ڏاري حڪمرانن جي ظلم جي اڳيان جڏهن مقامي اتحاد ڪمزور ٿي وڃي ته عوام کي بيوسيءَ ۽ بربادييءَ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو.

حوالا:

1. مير محمد معصوم بکرائي، *تاريخ معصومي*، ايڊيشن 1938ع، ص 112–118.
2. ابو الفضل، *طبقات اڪبري*، جلد 2، ڪلڪته ايڊيشن 1877ع، ص 245–247.

سڪندر مقدوني جڏهن ماڇي قبيلي جي ويڙهاڪ بادشاهه کي اروڙ ۾ ڦاسي چاڙهيو

ليکڪ: رُڪ سنڌي

مقدمو

دنيا جي تاريخ ۾ ڪيئي فاتح پنهنجا نالا هميشه لاءِ لکرايا آهن، پر ڪوبه فاتح اهڙو نه رهيو، جنهن کي هر ملڪ ۾ بنا مزاحمت جي ڪاميابي ملي هجي. مقدونيه جو بادشاهه سڪندر، جنهن کي مغرب ۾ *Alexander the Great* چيو وڃي ٿو، پنهنجي 13 ورهين جي مختصر فوجي مهم ۾ ايران، مصر، افغانستان، پنجاب ۽ سنڌ تائين پهتو. پر جڏهن هو سنڌو ماٿريءَ ۾ داخل ٿيو ته هتي جي ماڻهن جي آزاديءَ جي جذبي ۽ بهادريءَ کيس اهڙي زخم ڏني، جيڪا سندس زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين ساڻس گڏ رهي.

سڪندر جي ڪاهه ۽ سنڌ جو پس منظر

سڪندر مقدوني 356 ق.م ۾ ڄائو ۽ 326 ق.م ۾ سنڌو ماٿريءَ ڏانهن وڌيو. پنجاب ۾ ڪيترن راجائن سندس آڻ مڃي، پر پورس جهڙا بهادر حاڪم جنگ ۾ لهي آيا. يوناني مؤرخ پليوٽارچ (Plutarch)لکي ٿو ته:

“پورس جي فوج ۾ سنڌي کترين ۽ ملي قبيلي جا ماڻهو سڀ کان وڌيڪ جنگجو هئا، جن سڪندر کي زخمي ڪري سندس فوج کي همت هارائي ڇڏي”.

ملتان ۾ ملي (مالهي) قبيلي وارن 900 جنگي هاڻي ۽ هزارين پيادا فوج سان سڪندر کي سخت جهيڙو ڏنو. هن جنگ ۾ پاڻ سڪندر به تير لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيو.

سنڌ ۾ مزاحمتي قوتون

محمد ابراهيم جويي پنهنجي ڪتاب *شاهه، سامي ۽ سچل* ۾ لکي ٿو ته:

325“ق.م ۾ جڏهن سڪندر سنڌ ۾ آيو ته برهمڻ ماڻهن کي بار بار دشمن جي مقابلي لاءِ اپارينديا رهيا. سنڌ ۾ هڪ اهڙو مخفي اثر هو، جيڪو ماڻهن جي حوصلن کي تازو ڪندو رهيو. اهو ئي اثر هو، جنهن ڪري سنڌي سڪندر آڏو هر ڳوٺ ۽ وستي ۾ جنگ ڪندا رهيا”.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

“سڪندر کي سنڌ ۾ جتان به گذرڻو پيو، اتان جي ماڻهن سخت مقابلو ڪيو. سنڌ جي راجائن وٽ ڇ لک پيادا، 20 هزار گهوڙيسوار ۽ چار هزار جنگي هاڻي هئا. اهڙي مضبوط فوج سبب سڪندر کي ڪاميابي آسانيءَ سان نه ملي”.

ماڇي قبيلي جو بادشاهه – آزاديءَ جي هڪ علامت

الور (اروڙ) ۾ ماڇي قبيلي، جنهن کي يوناني مؤرخن “ماسيڪانس” سڏيو آهي، پنهنجي بهادر بادشاهه جي اڳواڻي ۾ سڪندر جي لشکر سان مقابلو ڪيو. اها سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ نادر ۽ اعليٰ مثال آهي، جتي هڪ بادشاهه پاڻ لشکر جي اڳواڻي ڪندي دشمن آڏو بيٺو.

هن جنگ ۾ سڪندر جا سوين فوجي مارجي ويا. يوناني مؤرخ ارين (Arrian) اشارو ڏئي ٿو ته “ماسيڪانس بادشاهه جي ماڻهن جي مزاحمت سڪندر لاءِ تمام گهڻي نقصانڪار ثابت ٿي.” پر جديد هٿيار ۽ منظم فوج جي ڪوٽ سبب آخرڪار ماڇي قبيلي کي شڪست ملي. بادشاهه کي گرفتار ڪيو ويو ۽ سڪندر حڪم ڏنو ته کيس پنهنجي ئي راڄڌاني **الور (اروڙ)** جي چوڻڪ تي سيني برهمڻن سان گڏ ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي.

اهو منظر سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ لازوال يادگار بڻجي ويو. هڪ بادشاهه پنهنجي وطن لاءِ جان ڏني، پر سڪندر آڏو آڻ نه مڃي.

سيوهڻ ۽ مهاڻن جي مزاحمت

سنڌيمن (سيوهڻ) ۾ راجا سامبس ۽ برهمڻن جي اڳواڻيءَ ۾ عوام جنگ ڪئي. سڪندر فتح کان پوءِ سيني برهمڻن کي قتل ڪرائڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن هو موڻي رهيو هو ته منچر جي مهاڻن سندس فوج تي تيرن ۽ ڪتن سان حملو ڪيو،

جنهن ۾ سڪندر ٻيهر زخمي ٿيو.

مؤرخن جون شاهديون

- **تاريخدان پلوٽارچ موجب** ”پورس جي فوج ۾ ملي قبيلي جا ماڻهو سڪندر لاءِ موت جو سبب بڻيا.“

- **ايڇ ٽي ليمبرڪ لکي ٿو ته ”**سنڌين جون سڪندر خلاف طويل خوني جنگيون ظاهر ڪن ٿيون ته سنڌين ۾ آزاديءَ جو وڏو جذبو هو. سڪندر کي سنڌ ۾ سڪون گهڙي لاءِ به نصيب نه ٿيو“.
- **روبن لين فاڪس لکي ٿو ته “**پورس سڪندر کي ماري مڃايو، تنهنڪري سڪندر کيس عزت ڏني.“
-

نتيجو

سڪندر مقدونيءَ لاءِ سنڌ هڪ اهڙو ديس ثابت ٿيو، جتي کيس مزاحمت جي باهه پوڳٽي پئي. ماڇي قبيلي جي راڻيءَ جي قرباني، برهمڻن جو تحريڪي ڪردار، پورس جي فوج ۾ سنڌي ڪترين جي بهادري ۽ مهاڻن جو حملو، سڀ ڳڻجي اهو ٻڌائن ٿا ته سنڌي قوم ڪڏهن به ڌارين آڏو جهڪي نه آهي.
هي تاريخي واقعو رڳو ماضي جو قصو نه آهي، پر آزاديءَ جي روح ۽ وطن دوستيءَ جي علامت آهي، جنهن جو ذڪر اڄ به سنڌ جي تاريخي ورثي کي امر ڪري ٿو.

حوالا

1. Plutarch, *Life of Alexander*
2. Arrian, *Anabasis of Alexander*
3. Dr. Nabi Bakhsh Baloch, *Sindh Ji Tareekh*
4. Muhammad Ibrahim Joyo, *Shah, Sami ain Sachal*
5. H.T. Lambrick, *Sindh: A General Introduction*

6. Robin Lane Fox, *Alexander the Great*

راجپوت نسل مان سنڌ جي ڪهڙين جديد ذاتين جنم ورتو؟

رڪ سنڌي

اصل ۾ پاڻ جڏهن سنڌ جو ذڪر ڪيون ٿا ته ان کي موجوده دور واري محدود ٿيل جاگرافيائي ايراضي ۾ سنڌ سمجهڻ نه گهرجي، پر ان کي هزارين سال اڳ واري سنڌ يا سنڌو ماڻري جو ذڪر سمجهڻ گهرجي. جنهن ۾ پاڪستان جو سڄو ملڪ اچي وڃي ٿو. موجوده ملڪ اصل ۾ سنڌو ماڻري جي سرحدن تي مشتمل آهي. ان ڪري ان سڄي خطي ۾ رهندڙ برادريون ساڳيون ۽ هڪ ئي نسل مان آهن. انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نه ٿو سگهجي ۽ نه وري ڌار سمجهڻ نه گهرجي.
ڪيتريون ئي برادريون جيڪو موجوده سنڌ ۾ آهن، اهي پنجاب، بلوچستان، ڪچ پچ، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان ۾ به رهندڙ آهن.

سنڌو ماڻري جي تهذيب واري دور کان پوءِ لکت جي صورت ۾ فقط هندن جا ڌرمي ڪتاب ملڻيا آهن. جن ۾ وید، رامائڻ ۽ مهاڀارت شامل آهن. رامائڻ ۽ مهاڀارت ۾ سنڌ جي ڪن قبيلن جو ذڪر ملي ٿو. ان وقت ڪورو ۽ پانڊو ٻه گهراٽا هيا. جن وچ ۾

مهاپارت جنگ به لڳي هئي. ان زماني ۾ سنڌو درياهه جي ڪناري تي ٻه قومون يا قبيلا رهندا هئا. جن مان هڪڙا جاٽ ته ٻيا وري ميد هئا. جن جي پاڻ ۾ هميشه دشمني رهندي هئي. مال متاع جي چراگاهن، ٻني ٻاري ۽ علائقي جي مالڪي تان سندن وچ ۾ جنگيون لڳنديون هيون. اڳتي هلي جاٽ لفظ ماڻهن جي زبان تان ڦرندي جت ٿي ويو. جڏهن ته ميد ڦري ميربحر ٿي پيو. ان ميربحر ذات اڳتي هلي ملاح جي صورت ورتي. ان ڪري ميدن ۽ جاٽن کي سنڌو ماڻري جون اصلوڪيون ۽ قديم برادريون سمجهڻ گهرجي. جن جي وجود جون ثابتيون عيسوي سن کان 1500 سال اڳ ملن ٿيون، يعني هي ٻئي سنڌي قبيلا 4 هزار سال آڳاٽا آهن. چچنامي ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته ميدن جو مرڪز ديبل بندر هو. هي قبيلو درياهه ۽ سمنڊ جي ڪناري تي رهندڙ هو. سندن گذر سفر مڇي مارڻ، ٻيڙيون هلائڻ هيو. جڏهن ته جاٽ چوپايو مال چارينديا هئا ۽ جانورن کان سواري جو ڪم وٺندا هئا. خاص ڪري اٽن تي بار ڏوئڻ سندن خاص ڪرت هوندي هئي. سندن گذر معاش اٽن تي بار ڏوئڻ هوندو هو.

ڪجهه دوستن سوال اٺاريو آهي ته ڇا سماٽن جو اصل نسل سما قبيلي کان شروع ٿئي ٿو يا ڇا سماٽ ذاتيون موجوده سما قبيلي جون شاخون آهن. ان بابت وضاحت ڪندي هلجي ته سماٽ ذاتيون اصل ۾ راجپوت نسل مان آهن. جڏهن سنڌ تي راءِ گهراٽي جي حڪومت هئي ته اهي راجپوت نسل جا هئا. ان راجپوت نسل مان ئي سنڌ جون سماٽ ذاتيون نڪتيون آهن. ان ڪري سماٽ ذاتين جو علائقو فقط موجوده سنڌ نه پر سمورو پنجاب ۽ ذري گهٽ پاڪستان آهي. اڄ به پنجاب ۽ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهو ساڳين برادرين ، قبيلن ۽ ذاتين سان واسطو رکندڙ آهن.

نامياري محقق الهه رکيو ٻڌ موجب هن وقت سنڌ جون جت، ميد ۾ راجپوت نسل جون ذاتيون هڪ ايڪي “سماڻ” جي نالي سان سڏجن ٿيون.

سنڌ تي برهمڻ گهراڻي ۾ عربن جي حملي کان اڳ راءِ گهراڻي جي حڪومت هئي. راءَ گهراڻي وارا راجپوت نسل جا سما هئا. جن مان سنڌ جون سماڻ ذاتيون نڪتيون. ان ڪري سما حڪمرانن سان سماڻ نسل کي محدود نه ڪرڻ گهرجي. سنڌ تي حڪومت ڪندڙ سما به اصل ۾ راجپوت هندو هئا پوءِ 1391ع ۾ مسلمان ٿيا.

عربن جي فتح وقت سنڌ ۾ جيڪي قومون يا قبيلا رهندا هئا، سي سما، لاکا، لوهاڻا ۾ جت هئا. انهن ذاتين مان ڪي مسلمان ٿيا ته ڪي وري هندو مذهب تي قائم رهيا. چچنامي ۾ لکيل آهي ته راجا ڏاهر جي فوج ۾ راجپوت نسل جا ڻڪر شامل هيا. سومرن ۾ سمن جي لشڪر ۾ به راجپوت نسل جا ڻڪر شامل هئا. جن جي وري جاڙيجن سان مٽي مائٽي هئي. جاڙيجا پاڻ کي سنڌ جي سمن مان سڏائين ٿا. سندن ڪچ، پچ، ڪاٺياواڙ ۾ حڪومتون قائم هيون. جاڙيجا سنڌ جي ڪن علائقن ۾ مسلمان ته ڪن ۾ وري هندو رهيا. جاڙيجن جي برادري سان واسطو رکندڙ سومرن به بعد ۾ اسلام قبول ڪيو. ان ڪري سومرا به آڳاٽي سماڻ نسل مان آهن. جڏهن ته دوستن کي اهو ٻڌائيندو هلان ته ڪلهوڙا به ڪنهن ٻئي ملڪ مان سنڌ ۾ نه آيا، پر هو راجپوت نسل جا راڻوڙ آهن. تاريخدان الهه رکيو ٻڌ جي لکڻ موجب سومرا سنڌ اندر مسلمان ۾ سرائي سڏبا آهن. اهي ويجهڙائي واري زماني ۾ موجوده پنجاب اڳوڻي سنڌ مان نڪري اچي موجوده سنڌ ۾ آباد ٿيا.

اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته سنڌو ماڻري جي جت ۽ راجپوت نسل مان هتان جون ڪيتريون ئي جديد ذاتيون نڪتيون آهن. اڄ به راجپوت نسل جون ذاتيون پنجاب ۾ جت ۽ سنڌ ۾ سمات سڏائين ٿيون، پر سندن اصل نسل هڪ ئي يعني راجپوت آهي.

سنڌ ۾ مختلف دورن ۾ ٻاهران ايندڙ ماڻهن جي لڏپلاڻ جاري رهي آهي، ايئن نه فقط سنڌ پر دنيا جي هر ملڪ ۾ ٿيندو رهيو آهي، جنگين، ٻوڏين، سوڪهڙي، بک ۽ بي روزگاري سبب ماڻهو هڪ خطي کان ٻئي خطي ڏانهن لڏپلاڻ ڪندا رهيا آهن. اهڙي طرح سنڌ ۾ به مختلف قومن ۽ قبيلن جا ماڻهو اچي آباد ٿيندا رهيا آهن. جن ۾ عرب، ايراني، افغاني، پارت جي مختلف خطن سان واسطو رکندڙ ماڻهو شامل رهيا آهن. جيڪي سوين ۽ هزارين سال گذرڻ بعد سنڌي قوم جو حصو بڻجي چڪا آهن. خاص ڪري سيد، پٺاڻ ۽ بلوچ برادريون سنڌي قوم ۾ اهڙي طرح رچي بسي ويا آهن، جو هاڻي سندن سڃاڻپ ڪرڻ مشڪل بڻجي چڪي آهي. قومن ۾ مختلف نسلن، قبيلن ۽ ٻوليون ڳالهائيندڙن جو ضِم ٿي وڃڻ فطري عمل رهيو آهي. تاريخدانن طرفان موجوده سنڌ جي جديد قبيلن کي ٻن گروهن ۾ ورهايو ويو آهي. جن ۾ هڪڙا سمات ته ٻيا وري غير سمات آهن. غير سمائن ۾ سيد ۽ بلوچ برادريون اڪثريت ۾ آهن. اسان انهن سڀني برادرين تي پنهنجي ايندڙ وي لاگز ۾ الگ الگ ڳالهائينداسين. سندن ذاتين، پاڙن ۽ نکن جو به تفصيلي ذڪر ڪيو ويندو.

اسان اڳ به ذڪر ڪيو آهي ته برهمڻ دور ۾ سنڌ ۾ لوهاڻا، جاٽ، سهتا، لاکا ۽ سما برادريون سنڌ ۾ آباد هيون. لاکا، لوهاڻا ۽ سما ان وقت ڪن علائقن جا به نالا هئا.

سماٽ ذات جا چگا مڙس اڪثر پنهنجي لاءِ چام جو لقب اختيار ڪندا آهن. ان سلسلي ۾ چام يا چاموٽ هڪ ئي برادري جا الڳ الڳ نالا آهن.

تاريخدانن موجب جاٽ يا جت سنڌو ماٿري جي وڏو قبيلو آهي. جيڪو موجوده سنڌ، پنجاب، ستلج ۽ گنگا تائين ته ٻئي طرف ڪابل، ڪنڌار ۽ هرات تائين پکڙيل آهي. الهه رکيو ٻٽ موجب جاٽ يا جت جون گهٽ ۾ گهٽ 40 شاخون آهن. جن ۾ مکيه ابڙا، ڪلهوڙا، ڪوکر، ماڇي، پلال، تنيا ۽ ملاح شامل آهن. تاريخدانن موجب ڪلهوڙا پاڻ کي عرب عباسي ۽ تونيا وري ترڪي جي نسل مان سڏائين ٿا. پر هو اصل ۾ سنڌي ۽ هتان جا قديم رهواسي آهن. هو جت قبيلي يعني سماٽن ۾ اچي وڃن ٿا.

جڏهن سنڌ تي عربن حملو ڪري قبضو ڪيو ته سنڌ سميت پنجاب ۾ اڪثر ذاتين پنهنجا حسب نسب عربن سان ملائڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي. ان عمل پويان حڪمرانن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ سميت مذهب سان محبت جو به عمل دخل موجود هيو. اهو عمل نه فقط عرب دور ۾ ٿيو، پر ان کان پوءِ به هتان جي ڪيترن ئي ذاتين ۽ برادرين ٻاهران آيل حملي آورن کي اوچي ذات سمجهي ساڻن پنهنجو تعلق جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي.

نامياري تاريخدان الهه رکيو ٻٽ موجب اهو ئي سبب هيو جو مختلف ڏيهي قبيلن جي ماڻهن سنڌ ۾ پاڻ کي قريشي، انصاري، هاشمي، صديقي، فاروقي، سيد، مغل ۽ پٺاڻ وغيره سڏائڻ شروع ڪيو. اها اصل ۾ نفسياتي غلامي هئي. الهه رکيو ٻٽ موجب سنڌ جي ٿهيم ذات وارا ڪڏهن پاڻ کي عرب نسل جو تميمي

سڏائن ٿا ته ڪڏهن وري بلوچ قرار ڏين ٿا. جڏهن ته هو اصل ۾ سماٽ قوم جا ڄاموٽ آهن.

سنڌ جون سرائي ذاتيون، جيڪي سنڌ جي اترين علائقن ۾ رهن ٿيون، سي اصل ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ پنجاب جي پٽن کان موجوده سنڌ ۾ آيون. اهي جتڪي يا سرائيڪي ڳالهائين ٿيون. ڪي پاڻ کي سنڌي جت ته ڪي وري سماٽ سڏائين ٿيون. پنجاب ۽ سنڌ ۾ سيال، کوکر ۽ اعواڻ اصل ۾ سماٽ آهن ۽ هو پاڻ کي فخر مان سماٽ سڏائين ٿا. الهه رکيو ٻٽ موجب پنجاب جي سرائي ۽ جت ذاتين مان آهير، اعواڻ، بدا، ڀگٽ، پند، ٻوهر، ٻوڪ، پٽ، ڇڇڑا، ڳچل، ڳورڙ، جويا، ڪنسيرا، ڪمڻيا، کوکر، کهاوڙ، مسڻ، سامڻيا، سيال، ساهڙ، سهاڳ، تيوٽا، ٽانڊڙي، ٽڳڙ سماٽ ذاتين سان تعلق رکن ٿا. سنڌ جي سماٽ ذاتين ۾ رانوڙ ۽ پنهور به اچي وڃن ٿا، جيڪي موجوده سنڌ ۽ پنجاب ۾ آباد آهن. ڇاڪاڻ ته اهو سڄو خطو تاريخي ۽ تهذيبي لحاظ کان هڪ ئي ملڪ رهيو آهي. ٻرڙا، سميجا، جوکيا، نومڑيا، ٽيپا، ڏيپر، راڇڑا، مگريا، لاڙڪ، ڪانڀا، مهر، ڏهر، ڏاريجا سنڌ جو سماٽ برادريون آهن.

سنڌ جي ذاتين، قبيلن ۽ قومي سڃاڻپ جو تحقيقي جائزو رڪ سنڌي

تعارف

قومن جي سڃاڻپ، ثقافت ۽ تاريخي شعور انهن جي اجتماعي نفسيات جو بنياد بڻجي ٿي. جڏهن قومون غلامي جي دور مان گذرن ٿيون، ته انهن جي فردن ۾ احساس ڪمتري جنم وٺي ٿو، جيڪو سندن قومي تشخص کي متاثر ڪري ٿو. سنڌ، جيڪا دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ آهي، اهڙي نفسياتي بحران مان تاريخ جي مختلف دورن ۾ گذري چڪي آهي. هن تحقيقي مضمون جو مقصد سنڌ جي ذاتين، قبيلن ۽ برادرين جي سڃاڻپ کي بحال ڪرڻ، انهن جي تاريخي پسمنظر کي اجاگر ڪرڻ ۽ قومي فخر جي شعور کي وڌائڻ آهي.

غلامي، احساس ڪمتري ۽ ڏارين جي اثرات

تاريخ شاهد آهي ته جڏهن قومون ڏارين جي قبضي هيٺ اچن ٿيون، ته انهن جي فردن ۾ نفسياتي طور تي فاتحن کي اعلى ۽ پاڻ کي ڪمتر سمجهڻ جو رجحان پيدا ٿئي ٿو. نتيجي طور، مفتوح قومن جا فرد فاتحن جي ثقافت، نالن، ريتن، رسمون ۽ ذاتي سڃاڻپ کي اختيار ڪرڻ لڳن ٿا. سنڌي قوم به انگريزن جي دور کان پوءِ اهڙي صورتحال مان گذري، جتي ڪيترن ئي قبيلن ۽ برادرين پنهنجي اصل سڃاڻپ وساري، ڏارين نالن سان سڏرائڻ ۾ فخر محسوس ڪيو.

سنڌي قوم جي تهذيبي ورثي ۽ سڃاڻپ

سنڌي قوم دنيا جي قديم تهذيب، يعني انڊس وادي تهذيب جي وارث آهي. سنڌين جي ٻولي، ادب، ثقافت، فنون، ۽ سماجي قدر شاهوڪار آهن. سنڌي قوم امن پسند، تعمير پسند، ۽ ٻين قومن

جي وسيلن تي قبضو ڪندڙ نه رهي آهي. سنڌي عورتن جو احترام، ٻين قومن سان هم آهنگي، ۽ ڏرتي سان وابستگي سندن سڃاڻپ جا اهم جز آهن.

ذات بدلائڻ ۽ ڏاري سڃاڻپ اختيار ڪرڻ جا اثرات

تازو ڪجهه وقت کان سنڌ ۾ ڪجهه برادرين طرفان ڏارين ذاتن سان سڏائڻ جو رجحان وڌيو آهي، جيڪو قومي سڃاڻپ لاءِ نقصانڪار آهي. هي رجحان نه صرف تاريخي شعور جي کوٽ جو نتيجو آهي، پر احساس ڪمتري جي علامت پڻ آهي. سنڌي قبيلن لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي اصل سڃاڻپ کي بحال ڪن، ۽ فخر سان سنڌي هجڻ جو اظهار ڪن.

تاريخدانن جي غفلت ۽ ڏارين جي مسخ ڪيل تاريخ

انگريزن جي دور کان پوءِ سنڌي اديبن ۽ تاريخدانن طرفان سنڌ جي قبيلن، ذاتين ۽ سورمن تي علمي تحقيق گهٽ ڪئي وئي، جنهن جو فائدو ڏارين ليکڪن کنيو. انهن سنڌ جي بهادر قبيلن کي غير سنڌي قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ تاريخ کي من گهڙت روايتن جي بنياد تي مسخ ڪيو. نتيجي طور، ڪيترائي نج سنڌي قبيلا اڄ پاڻ کي ٻين قومن سان منسوب ڪن ٿا.

نتيجو ۽ سفارشون

سنڌي قوم جي سڃاڻپ جي بحالي وقت جي اهم ضرورت آهي. هي مضمون سفارش ڪري ٿو ته:

- سنڌي تاريخدان، اديب ۽ محقق سنڌ جي قبيلن، ذاتين ۽ برادرين تي علمي تحقيق ڪن.
- تعليمي ادارا، ميڊيا ۽ ثقافتي تنظيمون قومي سڃاڻپ جي شعور کي وڌائين.
- سنڌي عوام پنهنجي ذات، قبيلي ۽ تاريخ بابت صحيح ڄاڻ شيئر ڪري، جيئن علمي رڪارڊ تي آڻي سگهجي.
- وي لاگز، ڪتابن ۽ دستاويزي فلمن ذريعي سنڌي سڃاڻپ کي اجاگر ڪيو وڃي.

پڙهندڙن لاءِ اپيل

اسان جي ڌرتي، اسان جي سڃاڻپ، ۽ اسان جي تهذيب فخر جو باعث آهي. اچو ته گڏجي پنهنجي اصل سڃاڻپ کي بحال ڪريون، ۽ دنيا آڏو فخر سان چئون:
"اسان سنڌي آهيون، اسان هن ڌرتي جا اصل وارث آهيون"!

سنڌ تي راءِ گهراٽي جي حڪومت: هڪ مثالي دور جي ڪهاڻي

ليکڪ: رُڪ سنڌي

تاريخي پسمنظر

سنڌ جي تاريخ ۾ راءِ گهراٽي جي حڪومت (450ع – 642ع) هڪ اهڙو دور آهي، جنهن کي امن، خوشحالي، سياسي استحڪام ۽ مذهبي رواداريءَ جي حوالي سان مثالي سمجهيو وڃي ٿو. تقريباً 192 سال تائين سنڌ تي حڪومت ڪندڙ هن گهراٽي جو تختگاهه **اروڙ** هو، جيڪو ان وقت سنڌ جو سڀ کان وڏو ۽ اهم شهر هو. جڏهن ته **ديبل بندرگاهه** بين الاقوامي واپار جو مرڪز هو، جتان سنڌ جو ڪاروباري ۽ ساموندي تعلق سڄي دنيا سان جڙيل رهيو.

انتظامي ڍانچو ۽ سرحدون

راءِ گهراٽي جي حڪومت ۾ سنڌ جون سرحدون گهڻو ڪري موجوده پاڪستان جي حدن کان به اڳتي وڌيل هيون. سڄو ملڪ چار پرڳڻن ۾ ورهايل هو:

1. **ملتان**
2. **اُچ**
3. **برهمڻ آباد**
4. **سيوهڻ**

انهن پرڳڻن ۾ راءِ گهراٽي جا مقرر ڪيل گورنر حڪومت ڪندا هئا. دفاعي نقطه نظر کان سنڌ جي هر ڪنڊ ڪچري ۾ قلعا ۽ فوجي مرڪز موجود هئا، جيڪي ملڪ کي محفوظ رکندا هئا.

مذهب ۽ سماجي حالت

راءِ گهراٽي جي دور ۾ **ٻڌ ڌرم** سنڌ جو سرڪاري مذهب هو. مذهبي رواداريءَ جو اهو حال هو جو ملڪ ۾ مختلف عقيدن جا ماڻهو بنا ڪنهن دشمنيءَ جي گڏجي رهندا هئا. رعيت خوشحال هئي ۽ ملڪ جي معيشت مضبوط هئي.

حڪمرانن جو سلسلو

راءِ گهراٽي جا پنج حڪمران سنڌ تي حڪومت ڪندا رهيا:

1. **راءِ ديوائج (ڏياچ/ ڏيواجي –** (گهراٽي جو پهريون بادشاهه، جنهن رياست کي مستحڪم ڪيو.
2. **راءِ سهيرس (پهريون –** (راءِ ديوائج جو فرزند، جنهن پيءُ جي پاليسيون جاري رکيون.
3. **راءِ ساهسي (پهريون –** (انصاف پرور ۽ بهادر حڪمران، جنهن اروڙ مان حڪومت ڪئي.
4. **راءِ سهيرس (ٻيو –** (جنهن پنهنجي دور ۾ ڪشمير کان مڪران تائين رياست جون سرحدون وڌايون. سندس دور ۾ نيمروز جي حاڪم حملو ڪيو، جنهن سان "ذات السلاسل" نالي جنگ ٿي. راءِ سهيرس بهادري سان وڙهندي شهيد ٿيو، پر سنڌ کي بچائي ويو.
5. **راءِ ساهسي (ٻيو –** (هن رياست کي ٻيهر منظم ڪيو ۽ نئين انتظامي سڌارا آندا. سندس دور ۾ "چچ" برهمڻ درٻار ۾ ملازم ٿيو، جيڪو بعد ۾ سلطنت تي قابض ٿيو ۽ برهمڻ گهراٽي جي بنياد وڌي.

راڻي سونهن ديوي ۽ چچ جي ڪهاڻي

راءِ ساهسي (ٻئي) جي وفات کانپوءِ سندس راڻي سونهن ديوي چچ سان شادي ڪئي. چچ نهايت ذهين ۽ انتظامي صلاحيتن وارو شخص هو، جنهن بعد ۾ بغاوتن کي ختم ڪري پاڻ سنڌ جو نئون حڪمران ٻڌيو. ان ريت راءِ گهراڻي جو باب ختم ٿيو ۽ **برهمڻ گهراڻي (چچ گهراڻو** (سنڌ ۾ اقتدار ۾ آيو.

اهميت ۽ ورثو

راءِ گهراڻي جو دور سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ **مثالي دور** طور ياد ڪيو وڃي ٿو، جتي:

- رياست جون سرحدون مضبوط هيون،
- امن امان قائم هو،
- اقتصادي خوشحالي موجود هئي،
- ۽ مذهبي رواداري مثالي هئي.

راءِ گهراڻي جي يادگار طور **اروڙ شهر جا آثار**، قديم قلعا ۽ قلعن جا ڍانچا اڄ به سنڌ جي تاريخي عظمت جا ثبوت پيش ڪن ٿا.

سنڌي قبيلن جي شاهه بيگ ارغون خلاف مزاحمت

ليکڪ: رُڪ سنڌي

تمهيد

سنڌ جي تاريخ ڏارين جي حملي ۽ مقامي ماڻهن جي مزاحمت سان ڀريل آهي. جڏهن به ڪنهن اجنبي طاقتن سنڌ تي حملو ڪيو، تڏهن سنڌي قبيلن پنهنجي ڌرتي ۽ سڃاڻپ لاءِ جان جو نذرانوه ڏنو. اهڙي ئي دور ۾، 16هين صدي جي شروعات ۾، شاهه بيگ ارغون سنڌ تي حملو ڪيو ۽ سمن جي پوئين حاڪم ڄام فيروز کي شڪست ڏئي، سنڌ ۾ ارغون گهراڻي جي حڪمراني قائم ڪئي.
پر هن ڏاري اقتدار کي سنڌ جي قبيلن وڏي عرصي تائين دل سان قبول نه ڪيو، بلڪه هر ميدان ۾ سخت مزاحمت ڪئي.

ارغونن جو پس منظر

شاهه بيگ ارغون، قندار جو حاڪم هو، جنهن پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ 1520ع ۾ سنڌ تي لشڪرڪشي ڪئي. سمن جي حڪومت زوال پذير هئي ۽ ڄام فيروز جي ناڪاراڻي حڪمراني سبب سنڌ سياسي ابتري جو شڪار هئي. اهڙي صورتحال ۾ ڏاري حملي آورن کي سنڌ تي قبضو ڪرڻ جو موقعو مليو.

سنڌي قبيلن جي مزاحمت

سمو قبيلو

سمن جو گهراڻو سنڌ ۾ آزاديءَ جو علمبردار هو. جام نظام الدين سمو (جام نندي) پنهنجي سڀهه سالار دولهه دريا خان ذريعي سبيءَ ۽ بين سرحدي علائقن ۾ ارغونن کي پهرين پيري شڪست ڏني. سمن جي روايت ۽ ورثي موجب، سنڌ ۾ ارغونن خلاف مزاحمت جي پهرين مورچيداري سمو قبيلو ئي ڪئي.

دولهه دريا خان ۽ سندس لشڪر

دولهه دريا خان، جنهن کي سنڌ جي قومي هيون ۽ بهادريءَ جو استعارو سڏيو ويندو آهي، شاهه بيگ جي لشڪر سان 1520ع ۾ ڏٺي ۾ مقابلو ڪيو. سڃو ڏينهن سخت جنگ هلي، آخرڪار دريا خان شهادت ماڻي. سندس شهادت سنڌ جي قومي مزاحمت کي نئون جذبو ڏنو.

سوڍا قبيلو

سيوهڻ ۽ پرپاسي جا سوڍا قبيلا ٽلٹيءَ جي جنگ ۾ ارغونن جي خلاف وڏي بهادريءَ سان وڙهيا. مير معصوم بکري *"تاريخ معصومي"* ۾ لکي ٿو ته سوڍن عجيب مردانگيءَ سان مقابلو ڪيو ۽ ڪيترائي سورهيه رڻمَل سوڍي سان گڏ شهيد ٿيا.

سهتا قبيلو

سهتا قبيلو پڻ ارغونن جي حڪمراني قبول نه ڪيو. خاص طور سيوهڻ ۽ پرپاسي ۾ هنن ڏارين خلاف بيهي مزاحمت ڪئي.

دريا خان جا پٽ ۽ ساٿي

ميان محمود، موٽڻ خان ۽ جام سارنگ ٽلٽي ۽ باغبان ۾ ارغونن خلاف ويڑهه جاري رکي. جيتوٽيڪ انهن کي سوپ نه ملي، پر سندن جدوجهد سنڌ جي قومي مزاحمت جي تسلسل جو حصو بڻجي.

ماڇي قبيلو

ماڇي قبيلن پڻ باغبان جي علائقي ۾ ارغونن سان مقابلو ڪيو. هنن جي جدوجهد به تاريخ ۾ مزاحمتي روايت طور محفوظ آهي.

ڏهر، ڏاريجا ۽ مهر قبيلن

بکر جي قلعي ۾ ڏهر، ڏاريجا ۽ مهر قبيلا ارغونن سان سڌي ويڑهه ۾ اچي ويا. ڏاريجن ته سلطان محمود ارغون کي قلعي اندر گرفتار ڪرڻ جي منصوبي تي به عمل ڪيو، پر راز ظاهر ٿيڻ سبب ناڪام ٿيا. ان باوجود بکر جي علائقي ۾ هنن جي جدوجهد ارغونن لاءِ وڏو چئلينج بڻجي رهي.

صوفي اثر هيٺ مذهبي قوتون

مخدوم بلال جهڙا وڏا مذهبي اڳواڻ به ارغونن جي حڪمراني کي نامنظور ڪري بيٺا. سندن روحاني ۽ مذهبي اثر هيٺ ڪيترائي مقامي ماڻهو ارغونن جي خلاف ويڑهه لاءِ تيار ٿيا.

ناڪاميءَ جا سبب

سنڌي قبيلن جي بهادري ۽ قربانين باوجود ارغونن کي ڪاميابي ملي. ان جا اهم سبب هي هئا:

- سنڌي قبيلن جي پاڻ ۾ نااتفاقي ۽ چڑوچڙ جنگيون.
- منظم فوجي طاقت جي کوٽ.

- ڪجهه مقامي وڏيرن ۽ شخصيتن (جهڙوڪ قاضي قادن) جي غداري، جن ڌارين سان ساٺ ڏنو.

نتيجو

شاهه بيگ ارغون خلاف سنڌي قبيلن جهڙوڪ **سمن، سومرا، سهتن، ماچين، ڏاريجن، ڏهرن ۽ مهراڻين** ويڙهه ڪئي. انهن سان گڏ **دولهه دريا خان، سندس پٽ ۽ صوفي اڳواڻ** به ڌارين خلاف مزاحمت جو حصو بڻيا. جيتوڻيڪ سنڌي قبيلن گڏيل قومي محاذ نه ٺاهيو، پر سندن مزاحمت سنڌ جي قومي تاريخ ۾ امر ٿي وئي. هي دور سنڌ جي ڏرتيءَ تي ڌارين جي ڏاڍ خلاف ماڻهن جي سياسي ۽ قومي شعور جو واضح ثبوت آهي.

سنڌ راڻي ۽ مير باگو خان ٽالپر:

اقتدار، محبت ۽ قربانيءَ جي عجيب ڪهاڻي

رڪ سنڌي

سنڌ جي تاريخ رڳو سلطنتن جي عروج ۽ زوال جي ڪهاڻي ناهي، پر اها حسن، عشق، سياست ۽ قربانيءَ جي به داستان آهي. هر دور ۾ اهڙيون عورتون ۽ مرد پيدا ٿيا، جن جي محبت ۽ فيصلن سنڌي سماج کي نئون رخ ڏنو. اهڙي ئي هڪ ڪهاڻي آهي *”سنڌ راڻي“ مريم ايجو عرف سونيتا ۽ مير باگي خان ٽالپر* جي، جيڪا نه صرف تاريخي سچائيءَ تي ٻڌل آهي پر سنڌ جي اجتماعي شعور ۾ محبت کي اقتدار کان مٿاهون ثابت ڪندي نظر اچي ٿي.

سنڌ راڻيءَ جي جنم ڪهاڻي

سنڌ راڻيءَ جو اصل نالو “مريم” هو، جيڪا چاڪر ايجو جي ڏيءُ هئي. سندس پاءُ جو نالو سائينڈنو هو. ايجا، تعلقي ماتلي جي ويجهو “ٽري” ڳوٺ ڪان اولهه طرف رهائش پذير هئا، جتي انهن جي وسنديءَ جا آثار اڄ به موجود آهن. مريم جي جنم جو سال تقريباً 1180هه ٻڌايو وڃي ٿو. سندس حسن ۽ سونهن سبب ڪيس پيار سان “سونيتا” ۽ پوءِ *سنڌ راڻي* سڏيو ويو.

ڪلهوڙا حاڪمن جي خواهش

ڪلهوڙا حڪمرانن ۾ سپ ڪان پهرين ميان سرفراز خان مريم جي حسن ڪان متاثر ٿيو. هن چاڪر ايجو ڪان سندس سڳ گهريو ۽ وڏي ڌام ڌوم سان مڱڻو ڪيو. پر عمر گهٽ هجڻ سبب شادي نه ٿي سگهي.

بعد ۾ ميان غلام نبي ڪلهوڙو ۽ پوءِ سندس پاءُ ميان عبدالنبي به سنڌ راڻيءَ لاءِ ساڳي خواهش رکي. چاڪر ايجو پنهنجي ڌيءَ کي ميان سرفراز جو مڱيل قرار ڏئي بار بار انڪار ڪيو. اهو انڪار ڪلهوڙا حڪمرانن کي سخت ناگوار گذريو ۽ ميان عبدالنبي ڪاوڙ ۾ اچي ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي، جنهن ۾ چاڪر ايجو ۽ سوين بيگناهه ماڻهو قتل ٿيا.

ٽالپرن جو عروج ۽ سنڌ راڻي

جڏهن ٽالپر سردارن ڪلهوڙن کي هالاڻيءَ واري جنگ (1783ع) ۾ شڪست ڏئي سنڌ تي حڪومت قائم ڪئي ته قيدياڻي بڻيل سنڌ راڻي سندن حوالي ٿي. هاڻي ڪيترائي ٽالپر امير به هن سان شادي جا خواهشمند بڻيا. حڪمرانن فيصلو ڪيو ته جيڪو شخص اقتدار تان هٽ ڪڍندو، اهو سنڌ راڻيءَ سان شادي ڪندو.

ان وقت مير باگي خان، جيڪو مير مرزي ٽالپر جو پٽ هو، اعلان ڪيو:
“مون کي حڪومت نه، پر سنڌ راڻي ڪپي”.

اهو اعلان سنڌ جي تاريخ ۾ محبت جي املهه مثال طور هميشه ياد رکيو ويندو.

مير باگي خان ۽ سنڌ راڻيءَ جي زندگي

مير فتح علي خان ٽالپر، جيڪو ٽالپرن جو اڳواڻ هو، سونيتيءَ جو سڳ مير باگي خان سان ڪرائي ڇڏيو. ان موقعي تي مير فتح علي خان فرمان جاري ڪيو ته:

- مير باگي خان گوني (ڦليليءَ) جي علائقي ۾ واهه کوٽائي.
- ان واهه جي پاڻيءَ سان جيڪا به زمين آباد ٿيندي، اها سنڌ راڻيءَ جي جاگير هوندي.

مير باگي خان ملڪيت ۽ اقتدار تان هٽ ڪڍي سنڌ راڻيءَ سان نڪاح ڪيو ۽ ڦليليءَ جي ڪناري تي "باگو واهه" کوٽائي، جنهن سان هزارين ايڪڙ زمين آباد ٿي. ساڳئي علائقي ۾ هن "ٽنڈو باگو" شهر آباد ڪيو، جيڪو اڄ بدين ضلعي جو مرڪزي شهر آهي.

سنڌ راڻيءَ جي وفات ۽ مقبرو

سنڌ راڻي مريم عرف سونيتا سن 1790ع ڌاري وفات ڪري وئي. سندس وصيت موجب ڪيس ٺري پرسان سخي سلطان شاهه ديوانو جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. مير باگي خان سندس قبر تي پٿر جو مقبرو ٺهرائي چؤديواري ڏياري. اهو مقبرو اڄ به سندس يادگار طور موجود آهي.

مير باگي خان جو المناڪ انجام

مير باگي خان پاڻ به 1804ع ۾ شڪار دوران هڪ ڪاري نانگ جي ڏنگ کان فوت ٿي ويو. ڪيس ابتدا ۾ عمرڪوٽ ۾ دفنايو ويو ۽ وقت گذرڻ سان هو "واگهو فقير" جي نالي سان

مقامي ماڻهن ۾ درويش ۽ پير جي حيثيت سان مشهور ٿي ويو. عمرڪوٽ ۾ سندس مقبرو اڄ به زيارتگاهه آهي.

تجزيو

سنڌ راڻي ۽ مير باگي خان جي ڪهاڻي اقتدار، عشق ۽ قربانيءَ جي سنگم جي عڪاسي ڪري ٿي.

- هڪ پاسي ڪلهوڑا حڪمرانن جا ظلم ۽ طاقت جا روپ نظر اچن ٿا.
- ٻئي پاسي مير باگي خان پنهنجي محبت لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪري محبت کي اقتدار کان وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو.

هيءَ ڪهاڻي سنڌي سماج جي انهن انساني قدرن جي نشاندهي ڪري ٿي، جتي عورت رڳو حسن جو استعارو نه پر محبت، عزت ۽ وقار جي علامت آهي. مير باگي خان جو اهو اعلان: **"مونکي حڪومت نه پر سنڌ راڻي ڪپي"**
سنڌ جي تاريخ ۾ محبت کي تخت تاج کان وڌيڪ عظمت ڏيڻ جو انوکو مثال آهي.

حوالا:

- "تاريخ معصومي" – مير معصوم بکري
- "فتح نامه سنڌ" – مير علي شير قانع ٺٽوي
- "طبقات اڪبري" – نظام الدين احمد بخشي
- مقامي روايتون ۽ بدين، عمرڪوٽ جي مڪاني تاريخي حوالا

جڏهن ڏارئي ارغون حاڪم جا به پائر سنڌين هٿان مارجي ويا رڪ سنڌي

سنڌ جي تاريخ ۾ ارغون ۽ ترخان دور کي اهڙو زمانو سڏيو وڃي ٿو، جنهن ۾ ملڪ نه فقط سياسي ورهاست جو شڪار ٿيو، پر ظلم، جبر ۽ ڏاڍ جا اهڃاڻ به پنهنجي سڀ کان ڳري صورت ۾ ظاهر ٿيا. هن دور ۾ سنڌ جي وحدت ٽٽڻ سان گڏ سنڌي قوم کي غلامي جي نئين زنجيرن ۾ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر ساڳئي وقت سنڌي قبيلن جي بهادري ۽ مزاحمت به هڪ اهڙو داستان ٻڌجي وئي، جنهن کي وسارڻ ممڪن ناهي.

سنڌ جي ورهاست جو پس منظر

1555ع ۾ ارغون حڪمران مرزا شاهه حسن جي وفات کانپوءِ سنڌ ٻه حصن ۾ ورهائجي وئي. ٺٽو مرزا عيسيٰ ترخان جي قبضي ۾ آيو، جڏهن ته بکر تي سلطان محمود بکريءَ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. اهڙيءَ طرح سنڌ ٻن حاڪمن جي وچ ۾ ورهجي، سياسي انتشار ۽ جنگين جو ميدان ٻڌجي وئي.

سلطان محمود بکري اصل خوزستان (ايران) جي هڪ علائقي اصفهان سان واسطو رکندو هو. نوجوانيءَ ۾ ئي شاهه بيگ ارغون جي لشکر ۾ شامل ٿي ويو ۽ پوءِ جلد بکر جي علائقي جو ناظم بڻايو ويو. 1522ع کان وٺي مرزا شاهه حسن جي دور تائين به سندس حاڪميت برقرار رهي. هو هميشه ارغونن جو ساٿ ڏيندو رهيو، پر مرزا شاهه حسن جي موت بعد پاڻ به آزاديءَ سان حڪومت ڪرڻ لڳو.

ترخان ۽ بکريءَ جي دشمني

مرزا عيسيٰ ترخان ۽ محمود بکريءَ جي وچ ۾ هميشه دشمني قائم رهي. ٻنهي جا لشکر کيترائي ڀيرا هڪٻئي جي مٿان کاهي ڀيا، پر فيصلائتو نتيجو نڪري نه سگهيو. مرزا عيسيٰ جي ڏٺي تي حڪومت ۽ محمود جي بکر تي خودمختياري، ٻنهي کي هڪ ٻئي لاءِ مستقل خطرو بڻائي ڇڏيو هو.

سنڌي قبيلن جي مزاحمت

محمود بکري پنهنجي سموري راڄ دوران سنڌي قبيلن کي دٻائڻ جي کوشش کندو رهيو، پر سنڌي به کنهن به حالت ۾ سندس حڪم ماڻڻ لاءِ تيار نه هئا. ڏهر، ڏاريجا، ماڇي ۽ ٻيا کيترائي قبيلو موقعي ملندي ئي سندس فوجن تي کاهي پوندا هئا.
تاريخدانن موجب محمود جي لشکر کي بار بار سنڌي قبيلن جي سخت مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو.

انهن ئي حملا آورن ۾ هڪ املهه کامياب سنڌين کي تڏهن ملي، جڏهن جنگ جي دوران سلطان محمود جا ٻه پائر، **بابا احمد ۽ عبدالفتاح**، سنڌين جي هٿان مارجي ويا. هي واقعا سنڌي قبيلن جي بهادريءَ جو روشن مثال آهن، جتي مقامي ماڻهو پنهنجي سرزمين جي حفاظت لاءِ جان کان به نه کيڀايو.

محمود جو راڄ ۽ انجام

محمود بکري پنهنجي حڪومت ۾ بکر ۽ ماٹيلي کي آباد ڪرڻ جون کوششون ضرور ڪيون، پر سندس راڄ ۾ امن قائم نه ٿي سگهيو. هو لڳاتار ويڙهن ۾ جکڙيل رهيو. سندس لاءِ سنڌي قبيلن جي مزاحمت هڪ اهڙو زخمي تير بڻيل رهي، جيکو ڪڏهن به ناسور بڻجي پڇندو نه هو.

آخرڪار سلطان محمود بکري 30 مئي 1574ع تي 84 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. سندس ڏگهو راڄ جنگ،

خونريزي ۽ مزاحمت سان پرپور رهيو، پر سنڌي قبيلن جي بهادريءَ جا داستان هميشه لاءِ تاريخ ۾ امر ٿي ويا.

نتيجو

ارغون ۽ ترخان دور جي سياسي ورهاست سنڌ لاءِ بدترين دور ثابت ٿي، پر اها به حقيقت آهي ته انهيءَ ئي دور ۾ سنڌي قوم پنهنجي بقا لاءِ جيئري جاکوڙ ڪندي رهي. سلطان محمود بکريءَ جا به پائر سنڌين هٿان مارجي وڃڻ، سنڌي قبيلن جي بهادريءَ ۽ مزاحمتي روح جو زندهه ثبوت آهي.

راجا پورس سڪندر مقدوني کي سنڌ مان ڪيئن پڇڻ تي مجبور ڪيو؟

رک سنڌي

تمهيد

سڪندر مقدوني (Alexander the Great) دنيا جي انهن فاتحن مان هو، جن کي تاريخ هميشه ياد رکندي. پر جڏهن هو سنڌو ماٿري ۾ داخل ٿيو، تڏهن کيس اهڙي سخت مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو، جنهن کيس پنهنجي ئي لشکر سان پسپائيءَ تي مجبور ڪري ڇڏيو. سنڌ جي آزادي پسند ماڻهن ۽ راجا پورس جهڙن سورمن کيس ڏيکاريو ته هن ڌرتيءَ کي ڪڏهن به مڪمل طور غلام نه بڻائي سگهجي.

سڪندر مقدوني ۽ سندس عالمي خواب

356ق.م ۾ مقدونيه ۾ پيدا ٿيل سڪندر پنهنجي پيءُ فلپ ٻئي جي وفات کان پوءِ تخت نشين ٿيو (336 ق.م). ننڍپڻ ۾ ارسطو جو شاگرد رهيو، جنهن کيس فلسفي، حڪمت ۽ حڪمرانيءَ جا سبق سيکاريا. پر سندس اصلي جنون دنيا فتح ڪرڻ هو. يونان، ايران، شام، افغانستان ۽ مصر فتح ڪرڻ کان پوءِ هو هندستان ۽ سنڌ ڏانهن وڌيو.

سنڌ جي سياسي ۽ معاشي حيثيت

قديم سنڌ هڪ آزاد ۽ خودمختيار خطو هو. ان وقت سنڌ ۾ پنج وڏيون صوبائي رياستون هيون:

1. **اروڙ (سوگدي** – (راجا موسيڪاموس جي حڪومت.
2. **سيوهڻ (سنڊيمن** – (راجا سامبس جي حڪومت.
3. **پٽالا (هاڻوڪو حيدرآباد ۽ لاڙ** – (راجا موڪريس جي حڪومت.
4. **بيمباڪتا (ڪراچي ۽ لسبيلو** – (اورتان قبيلي جو جمهوري راج.
5. **سمانگر (ٺٽو ۽ سجاول** – (يادونسي راجا سامبس جي حڪومت.

ان کان سواءِ ملتان ۽ ٻين علائقن ۾ مقامي راج هئا. سنڌ کي “سون جو گهر” سڏيو ويندو هو. پنپور جو بندرگاهه بين الاقوامي واپار جو مرڪز هو، جتان مصر جي اسڪندريه تائين سامان ويندو هو.

راجا پورس ۽ سڪندر جو ٽڪر

326 ق.م ۾ سڪندر سنڌو درياءَ جي ڪناري راجا پورس سان ٽڪر آيو. پورس وٽ لڳ ڀڳ 30 هزار پيادا، هزارين سوار ۽

200 جنگي هاڻي هئا. سندس لشڪر ۾ سنڌي ڪترين جو وڏو انگ موجود هو.

يوناني مؤرخ لکن ٿا ته پورس جا سپاهي وڏن ڪمانن ۽ ڊگهن تيرن سان وڙهندا هئا، جيڪي ڪنهن به مضبوط ڍال کي چيڀاٽيندا هئا. تلوارون ساڌا چار فوٽ ڊگهيون هونديون هيون، جن سان هو ٻنهي هٿن سان ڏڪ ڏيندا هئا.

سڪندر جي فوج کي وڏو نقصان ٿيو. پاڻ به زخمي ٿيو ۽ لشڪر ٽڪجي پيو. پليوٽارچ موجب:

”پورس خلاف جنگ ڪندي، سڪندري فوج جا حوصلہ ٽٽي پيا. اها جنگ فتح نه پر هڪ وڏي شڪست هئي.“

آخرڪار، سڪندر مجبور ٿيو ته پورس کي عزت سان راجا مڃي.

سنڌ جي عوامي مزاحمت

پورس کان پوءِ به سڪندر کي سنڌ ۾ هر هنڌ مزاحمت جو سامهون ٿيو:

- **اروڙ** ۾ يوناني چانوٽي ساڙي ڇڏي وئي.
- **سيوهڻ** ۾ سردارن اعلان ڪيو” *:اسان ديونيس کان وڌي آزاد آهيون، اطاعت کان بهتر آهي ته جنگ ۾ مرون ”.* نتيجي ۾ هزارين ماڻهو مارجي ويا.
- **پٽالا (هاڻوڪو حيدرآباد)** ۾ يوناني فوج کي شهر مان تڙي ڪڍيو ويو.
- **نٿو ۽ ڪراچي** ۾ به سخت مقابلا ٿيا ۽ يوناني فوج کي وڏو نقصان رسيو.

ارڙان لکي ٿو ته سنڌ جا ماڻهو هٿيارن ۾ گهٽ هوندي به دليريءَ ۾ بي مثال هئا ۽ پنهنجي وطن لاءِ جان قربان ڪرڻ کان نه ڪيبائيندا هئا.

سڪندر جي پسپائي

سنڌ جي ماڻهن جي گڏيل مزاحمت، بيمارين ۽ فوج جي ٿڪاوٽ سڪندر کي مجبور ڪيو ته هو وڌيڪ اڳتي نه وڌي. نتيجي ۾ هو مڪران جي ڏکين رستن مان ٿيندو واپس بابل ويو، جتي 323 ق.م ۾ فقط 33 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪري ويو.

ايڇ. ٽي. لئمبرڪ لکي ٿو:

“سڪندر جي سنڌ ۾ مهم ڪنهن فتح نه پر هڪ رت سان رڱايل مصيبت هئي، جتي آزاديءَ جي تڙپ رکندڙ سنڌي هر هنڌ سندس رستو روڪيندا رهيا”.

نتيجو

راجا پورس ۽ سنڌ جي عوام جي مزاحمت سڪندر مقدوني کي اهو سيکاريو ته سنڌ جهڙي سرزمين تي آزاديءَ کي زنجيرن ۾ جڪڙي نٿو سگهجي. يوناني مؤرخن به مڃيو ته سنڌ جا ماڻهو بهادر، سورما ۽ وطن سان بي انتها محبت ڪندڙ هئا. سڪندر کي جيتوڻيڪ دنيا “فاتح اعظم” سڏيندي رهي، پر سنڌ ۾ ڪيس شڪست جهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻو پيو.

حوالا

1. Plutarch. *Parallel Lives: The Life of Alexander*. Loeb Classical Library, Harvard University Press.
2. Arrian. *The Anabasis of Alexander*. Translated by Aubrey de Sélincourt. Penguin Classics, 1971.
3. Robin Lane Fox. *Alexander the Great*. Penguin Books, 1973.
4. H. T. Lambrick. *Sindh: A General Introduction*. Oxford University Press, 1973.
5. Herodotus. *Histories*. Translated by A. D. Godley. Loeb Classical Library, Harvard University Press.

سنڌو درياهه: تهذيب جو وهڪرو يا ماحولياتي جنگ جو نشانو؟

رک سنڌي

خلاصو

پارت پاران درياءِ سنڌ جو وهڪرو پاڪستان ڏانهن بند ڪرڻ جي ڌمڪي، سرحدي پاڻيءَ جي سياست ۾ هڪ خطرناڪ مثال آهي. هي مضمون قانوني، ماحولياتي ۽ تهذيبي اثرن جو جائزو وٺي ٿو، ۽ دليل ڏئي ٿو ته پاڻيءَ کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ خطي جي استحڪام، فطري توازن ۽ هزارين سالن جي ورثي کي نقصان پهچائي ٿو.

تعارف

اپريل 2023 ۾ پارت طرفان سنڌ طاس معاهدي کي يڪطرفي طور معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. پاڻيءَ جي وسيلن واري درياءِ سنڌ جو هڪ ڏڙو به "—وزير چندرڪانت پاٽل جو بيان نه رڳو سياسي اشتعال آهي، پر هڪ —"پاڪستان نه پهچندو سنگين بين الاقوامي ۽ ماحولياتي خطرو پڻ آهي (Afzal, 2021).

قانوني پسمنظر

1960 ع ۾ عالمي بينڪ جي ثالثي سان ٿيل سنڌ طاس معاهدو، پارت ۽ پاڪستان وچ ۾ پاڻيءَ جي ورهاست جو معتبر فريم ورڪ آهي. ان جي يڪطرفي معطلي ويانا ڪنوينشن جي خلاف ورزي آهي، جيڪا معاهدن جي يڪطرفي رد ڪرڻ کي غير قانوني قرار ڏئي ٿي (Ali & Khuhro, 2021).

ماحولياتي اثرات

جيڪڏهن پارت درياءِ سنڌ جو وهڪرو روڪي ٿو ته:

- زرعي زمينون بنجر ٿي سگهن ٿيون
- سنڌ جا دلدلي علائقا ۽ مينگروو ٻيل ختم ٿي سگهن ٿا
- لکين ماڻهو ماحولياتي پناهگير بڻجي سگهن ٿا
- زميني پاڻيءَ جي سطح گهٽجي ويندي
- نمڪيات وڌڻ سبب زمين ناقابلِ ڪاشت ٿي ويندي
- دريائي حيات ۽ ماحولياتي توازن تباهه ٿي ويندو (Ali & Khuhro, 2021)

تهذيبي ورثو

درياءِ سنڌ صرف پاڻيءَ جو وهڪرو نه، پر دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ جو جنم ڏيندڙ آهي. سر جان مارشل ۽ مارٽمر ويلر ان کي موريا سلطنت کان به پراڻو قرار ڏين ٿا (Marshall, 1931; Wheeler, 1959). وين‌ڊي ڊونگر جي مطابق،

ويدڪ تهذيب سنڌي تهذيب کان متاثر هئي (Doniger, 2009).

درياءُ جي حياتي

جيڪڏهن اسين دريائن کي جيئرو رابرٽ ميڪفارلين لکي ٿو: "سمجهون، ته دنيا ڏسڻ جو انداز بدلجي ٿو" (Macfarlane, 2017). مستنصر حسين تارڑ ۽ جيمز سي اسڪاٽ پڻ دريائن کي تهذيبن جا زنده عنصر قرار ڏين ٿا (Scott, 2020; Tarar, 2001).

نتيجو

درياءِ سنڌ امن، تهذيب ۽ فطرت جو وهکرو آهي. ان کي روکڻ نه، پر وهڻ ڏيڻ گهرجي. پاڻيءَ کي جنگ جو هٿيار نه، پر اشتراڪ جو ذريعو بڻائڻ گهرجي.

حوالا

Afzal, M. (2021). *Indus Water Treaty Between Pakistan and India of 1960: An analysis of its journey over six decades and the scope for improvements*. MIT OpenCourseWare. https://ocw.mit.edu/courses/11-382-water-diplomacy-spring-

2021/1b7baf844e3d5d65b3bb88d603ddcb21_MIT11_382s21_Afzal.pdf

Ali, S., & Khuhro, A. (2021). *Indus Water Treaty: Challenges and Prospects*. Perennial Journal of History, 2(2), 131–148. https://www.researchgate.net/publication/357222367_Indus_Water_Treaty_Challenges_and_Prospects

Doniger, W. (2009). *The Hindus: An Alternative History*. Penguin Books.

Macfarlane, R. (2017). *Is a River Alive?* Emergence Magazine.

Marshall, J. (1931). *Mohenjo-Daro and the Indus Civilization*. Arthur Probsthain.

Scott, J. C. (2020). *In Praise of Floods*. Yale University Press.

Tarar, M. H. (2001). *Bahao*. Sang-e-Meel Publications.

Wheeler, M. (1959). *Early India and Pakistan: To Ashoka*. Praeger.

موريا خاندان ۽ سنڌ: تاريخ، ثقافت، ۽ ٻڌ ڌرم جا اثرات

تعارف

موريا سلطنت جو دور برصغير جي تاريخ ۾ هڪ اهڙو موڙ آهي، جنهن نه صرف سياسي نقشو تبديل ڪيو، پر مذهبي ۽ ثقافتي شعور تي به گهرائيءَ سان اثر ڇڏيو. سنڌ، جيڪا ان وقت سنڌو ماڻر جي دل هئي، موريا سلطنت جي اثرن کي محسوس ڪيو ۽ انهن کي پنهنجي تمدني تسلسل جو حصو بڻايو. چندرگپت موريا جي سلطنت جي قيام کان اشوڪ اعظم جي ٻڌ ڌرم جي پرچار تائين، سنڌ جي تاريخي منظرنامي ۾ نوان باب شامل ٿيا (Panhwar, 2007).

چندرگپت موريا: سلطنت جو باني ۽ سنڌ سان لاڳاپا

چندرگپت موريا، جنهن ٽيڪسيلا ۾ تعليم حاصل ڪئي، 322 ق.م ڌاري نندا خاندان خلاف بغاوت ڪري مگڌ تي قبضو ڪيو. سندس وزير چاڻڪيه، هڪ سياستدان ۽ حڪمت عمليءَ جو ماهر، سنڌ جي حالتن کان واقف هو. چندرگپت يوناني حاڪمن کي سنڌو ماڻر مان پڃائي، هڪ منظم سلطنت جو بنياد وڌو، جنهن جي حدون هرات کان بنگال تائين پکڙيل هيون (Limbark, 1982).
سڪندر جي موت کانپوءِ پيدا ٿيل سياسي خلا، يوناني ڪمانڊرن جي انتشار، ۽ مقامي قبيلن جي بيچينيءَ چندرگپت جي اپار لاءِ

سازگار ماحول مهيا ڪيو. راجا پورس جي مدد سان يوناني اثر ختم ٿيو، ۽ سنڌ موريا سلطنت جو حصو بڻجي ويو (Panhwar, 2007).

يوناني اثر جو خاتمو ۽ سنڌ جي سياسي آزادي

سڪندر جي وفات (323 ق.م) ڪانپوءِ، يوناني لشڪر ۾ انتشار پيدا ٿيو. نيارڪس ٻيڙا وٺي سنڌ مان پڇڻ تي مجبور ٿيو، جڏهن ته فلپس جهڙا ڪماندر قتل ڪيا ويا. چندرگپت موريا سيليوڪس سان صلح ڪري سياسي اتحاد قائم ڪيو، جنهن تحت سنڌ جي علائقن تي موريا سلطنت جو قبضو تسليم ڪيو ويو. هي اتحاد نه صرف يوناني ۽ ايراني اثرن جي خاتمي جو سبب بڻيو، پر سنڌ جي مقامي اقتدار جي واپسيءَ لاءِ به رستو هموار ڪيو (Limbark, 1982).

اشوڪ اعظم ۽ ٻڌ ڌرم جو پرچار

اشوڪ، چندرگپت جو پوٽو، 273 ق.م ڌاري تخت تي ويٺو. هو ٻڌ ڌرم جو پڪو پوئلڳ هو، جنهن جي اثر هيٺ سلطنت جي مذهبي پاليسين ۾ تبديلي آئي. اشوڪ 14 فرمان جاري ڪيا، جن کي براهمي ۽ خروشتي رسم الخط ۾ لکيو ويو. اهي فرمان مختلف ماڳن تي نصب ڪيا ويا، جن مان ڪيترائي اڄ به موجود آهن، جيتوڻيڪ سنڌ مان ڪو به فرمان نه ملیو آهي (Panhwar, 2007).

اشوڪ جي پرچاري جماعتن مان ’اُپ گپت‘ سنڌ ۾ ڌگهو عرصو رهيو. هن ماڻهن کي قانون جي سمجهاڻي ڏني، مڙهيون ۽ نُل تعمير ڪرايا. اشوڪ جي مذهبي اثرن جا نشان سنڌ جي آثارن،

لوڪ ڪهاڻين، ۾ ثقافتي يادگارن ۾ موجود آهن (Cousens, 1892).

سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جا اثر ۽ ثقافتي يادگار

موريا دور ۾ سنڌ ٻڌ ڌرم جي واڌاري جو مرڪز بڻجي ويو. اشوڪ جي جماعتن جي آمد سان مذهبي تعميرون، مڙهيون، ۽ نُل قائم ٿيا. ايم. ايڇ. پنهور جي تحقيق مطابق، موريا دور ۾ سنڌ جو مقامي اقتدار سنڌين جي هٿ ۾ رهيو، جڏهن ته گورنر وقت به وقت مقرر ٿيندا رهيا (Panhwar, 2007).
۾ اشوڪ جي "سنڌ جا قديم آثار"هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب دور جي مذهبي تعميرن جو ذڪر ڪيو آهي. مورو شهر، موريا ذات، ۽ ’چند موريي‘ جو ميلو موريا دور جي ثقافتي يادگارن مان آهن، جيڪي ٻڌ ڌرم جي اثرن جي علامت آهن (Cousens, 1892).

نتيجو

موريا خاندان جو دور سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهڙو باب آهي، جيڪو سياسي آزادي، مذهبي واڌاري، ۽ ثقافتي تبديليءَ جي نمائندگي ڪري ٿو. چندرگپت جي يوناني اثرن جي خاتمي کان اشوڪ جي ٻڌ ڌرم جي پرچار تائين، سنڌ هن سلطنت جي اثرن کي نه صرف محسوس ڪيو، پر انهن کي پنهنجي تاريخي شعور جو حصو بڻايو. هي دور سنڌ جي تمدني تسلسل، مذهبي تنوع، ۽ ثقافتي خودمختياريءَ جي علامت آهي.

📚 حوالا (References in APA Style)

- Cousens, H. (1892). *Sindh ja Qadeem Asaar* [Ancient Monuments of Sindh]. Bombay: Archaeological Survey of India.
- Limbark, D. (1982). *Maurya Saltanat ain Sindhu Mathar te un jo Asar* [Mauryan Empire and Its Impact on the Indus Valley]. Delhi: Institute of Historical Research.
- Panhwar, M. H. (2007). *Sindh ji Waqiati Lughat* [Chronological Dictionary of Sindh]. Hyderabad: Sindhi Adabi Board.

جهم جو شوَ مندر: هڪ تاريخي ۽ ثقافتي جائزو

خلاصو

جهم ڪوٽ (هم ڪوٽ) جو شوَ مندر سنڌ ۾ قديم شيوا پرستيءَ جو هڪ اهم مرڪز آهي، جيڪو سنڌو ماڻريءَ جي تهذيب سان ڳنڍيل آهي. هي مقالو مندر جي تاريخ، آثار قديمه جي شاهدي ۽ رسمن جي تسلسل جو اڀياس ڪري ٿو.

تعارف

سنڌ قديم زماني کان مذهبن ۾ روايتن جو مرڪز رهيو آهي. جهم ڪوٽ جي اوپر ڏکڻ ڪنڊ تي مکيه دروازي پرسان موجود شوَ جو مندر ان تسلسل جو زنده ثبوت آهي(Khan, 2007) .

تاريخي پسمنظر

تحفة الڪرام ۾ ٻين تاريخن موجب صديون اڳي کان هتي شوَ ۾ لنگ جي پوڄا ٿيندي رهي آهي(Qureshi, 1992) .

سنڌو ماڻري مان ملندڙ هڪ مهر ۾ شوَ کي "پشو پتي" يعني حيوانن جو مالڪ ڏيکاريو ويو آهي(Marshall, 1931) . ڍڳو)نندي (زرعي معيشت جي علامت هو(Possehl, 2002) . اهڙيءَ طرح شوَ لنگ جي پوڄا سنڌو تهذيب جي دور ۾ به موجود هئي.

ڏکڻ ايشيا ۾ شيوا پرستي

رگ وید ۾ شوَ ديوتا جو نالو نڏو ملي، پر هڪ "شوَ" قبيلي جو ذڪر ضرور آهي، جيڪو سنڌو درياهه جي آسپاس آباد هو (Macdonell & Keith, 1912). ماهرن جو خيال آهي ته شيوا پرستيءَ جي شروعات سنڌ مان ٿي(Flood, 1996) . وقت سان گڏ شوَ کي خالق، ناس ڪندڙ ۽ شفا ڏيندڙ طور ڏٺو ويو(Gonda, 1977) .

جهم مندر ۾ رسمن جو تسلسل

شوَ جي پوڄا گهٽو ڪري لنگ ۽ پاروتي) يوني (جي گڏيل علامت طور ڪئي ويندي آهي. اها پوڄا اڄ به جهم مندر ۾ جاري آهي(Sheikh, 2015) .

مندر ڳاڙهي پٿر مان ٺهيل آهي، جنهن جي جوڙجڪ نگرپارڪر جي جين مندرن سان مشابهت رکي ٿي، پر جديد دور ۾ سيمينٽ ۽ رنگ سازي سبب ان جي اصل صورت متاثر ٿي آهي(Khan, 2007) ۔ مندر ۾ هڪ ننڍڙي مورتي، شوَ لنگ ۽ 9 انچ ڊگهي گڻيش جي مورتي هئي، جيڪا بعد ۾ ڪنجهڙ ڍنڍ ۾ وسائي وئي(Ansari, 2011) ۔

جغرافيائي ۽ ثقافتي پسمنظر

قديم دور ۾ مندر درياهه جي ڪناري تي هو، پر اڄ به ڪنجهڙ ڍنڍ جون لهرون ان جي ڏاڪڻ کي ڇهنديون آهن۔ مندر جي سامهون زيارتين لاءِ غسل خانا ٺهيل آهن جن ۾ ڪاشيءَ جون سرون لڳل آهن(Sheikh, 2015) ۔

نتيجو

جهم جو شوَ مندر سنڌ ۾ شيوا پرستيءَ جي قدامت ۽ تسلسل جو اهم ورثو آهي، جيڪو سنڌو سڀيتا کي بعد جي هندو مذهبي روايتن سان ڳنڍي ٿو۔

حوالا

- Ansari, N. A. (2011). Archaeology and Cultural Heritage of Sindh. Karachi: Sindhology Press.
- Flood, G. (1996). An Introduction to Hinduism. Cambridge: Cambridge University Press.

- Gonda, J. (1977). Change and Continuity in Indian Religion. The Hague: Mouton.
- Khan, A. W. (2007). Temples of Sindh: A Historical Survey. Hyderabad: Mehran Publishers.
- Macdonell, A. A., & Keith, A. B. (1912). Vedic Index of Names and Subjects. London: John Murray.
- Marshall, J. (1931). Mohenjo-Daro and the Indus Civilization (Vols. 1–3). London: Arthur Probsthain.
- Possehl, G. L. (2002). The Indus Civilization: A Contemporary Perspective. Walnut Creek, CA: AltaMira Press.
- Qureshi, H. (1992). Tuhfat al-Kiram: Historical Traditions of Sindh. Karachi: Royal Book Company.
- Sheikh, S. (2015). Sacred Spaces of Sindh: Religion and Architecture. Islamabad: National Institute of Historical and Cultural Research.

سنڌ ۾ تمر جا ٻيلا: حياتياتي ۽ سماجي-معاشي اهميت

خلاصو

سنڌ جا تمر جا ٻيلا (Mangroves) هڪ اهم حياتياتي وسيلو آهن، جيڪي سامونڊي حياتيات کي سهارو ڏين ٿا، سامونڊي ڪنارن کي بچائين ٿا ۽ مقامي ماڻهن جي گذر سفر لاءِ ذريعا مهيا ڪن ٿا. اهي ٻيلا بنيادي طور سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪپن سان گڏ ۽ سنڌو ڊيلٽا ۾ پکڙيل آهن .(IUCN, 2009) باوجود ان جي اهميت جي، انهن ٻيلن کي صنعتي آلودگي، ٻيلن جي ڪٽائي، درياهه مان گهٽ وهڪرن ۽ سامونڊي سطح وڌڻ سبب شديد خطرا پيش آهن. هي مضمون انهن ٻيلن جي تاريخي پسمنظر، حياتياتي ڪردار، موجوده خطرا ۽ بچاءَ لاءِ پاليسي سفارشون بيان ڪري ٿو.

تعارف

تمر جا ٻيلا (مقامي نالي سان تمر جي ٻيال (سنڌ جي هڪ خاص قدرتي سونهن آهن، جيڪي خاص طور تي سنڌو درياهه جي چوڙ واري علائقي (ڊيلٽا) ۾ ملن ٿا .(Memon, 2005) درياهه مان وهندڙ معدنيات ۽ سلٽ انهن ٻيلن جي واڌ ويجهه لاءِ اهم آهن، جنهنڪري اهي ٻيلا حياتياتي تنوع لاءِ مثالي ماحول پيدا ڪن ٿا.

حياتياتي اهميت

تمر جا ٻيلا ننڍين مڇين، جهينگن ۽ ڪيڪرڙن لاءِ قدرتي نرسري جو ڪم ڪن ٿا .(Saifullah, 1997) انهن جي پاڙن جو ڇار زمين کي مضبوط ڪري، ڏوهڙ ۽ ڪِناري کي ٽٽڻ کان بچائيندو آهي .(Kathiresan & Bingham, 2001) اهي نه رڳو آڪسيجن پيدا ڪن ٿا پر ڪاربان کي به جذب ڪري ڌرتيءَ جي ماحولياتي توازن ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا ,Alongi) 2002).

تاريخي پسمنظر

برطانوي دور جي رڪارڊ موجب سنڌو ڊيلٽا ۾ ڪڇ وسيع تمر جا ٻيلا موجود هئا، جتي درياهه جا وهڪرا ڪراچي لڳ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا هئا1966 .(Harrison, 1947) ع ۾ پاڪستان ۾ تمر جا ٻيلا لڳ ڀڳ 486,249 هيڪٽر هئا، جيڪي گهٽجي ڪري سنڌ ۾ مرڪوز هئا.(IUCN, 2009)

خطرا

صنعتي آلودگي :ڪراچي جي ساحل تي چمڙي، اسٽيل مل ۽ تيل صاف ڪرڻ وارن ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ زهريلا مادا (ڪروميئم، هائيڊرو ڪاربن) ٻيلن لاءِ تباهه ڪن آهن .(Qureshi, 2010)

پاڻيءَ جي گهٽتائي :ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ پاڻيءَ جو وهڪرو 1892ع ۾ 150 ملين ايڪڙ فوٽ هو، جيڪو هاڻي گهٽجي

صرف 10 ملين ايڪڙ فوٽ رهجي ويو آهي (IUCN, 2009).

وڌيڪ استعمال :مقامي ماڻهو ماهوار لڳ پڳ 173 ڪلوگرام ڪاٺيون استعمال ڪن ٿا، جيڪي گهٽو ڪري تمر مان حاصل ٿين ٿيون.(Memon, 2005)

ساموندي سطح ۾ واڌ :ماهرن موجب سمنڊ ڏنڻي ۽ بدين ۾ روزانو لڳ پڳ 80 ايڪڙ زمين ڇڙڪائي رهيو آهي (IUCN, 2009).

سماجي-معاشي اهميت

اهي ٻيلا مڇي مارڻ لاءِ نرسريون مهيا ڪن ٿا، ساموندي طوفانن کان آبادين کي بچائين ٿا، ۽ مقامي ماڻهن لاءِ ڪاٺيون، ٻارڻ ۽ ٻيڙين لاءِ سامان فراهم ڪن ٿا.(Saifullah, 1997)

سفارشون

وڏي پيماني تي ٻيهر پوک(Reforestation)

ڪوڙڙي بئراج کان هيٺ پاڻيءَ جو مقرر وهڪرو

صنعتي فضلي جي روڪٿام لاءِ پلانٽس

مقامي ماڻهن جي شموليت سان ٻيلن جو انتظام

قومي آبهوا پاليسي ۾ تمر جي تحفظ کي شامل ڪرڻ

نتيجو

سنڌ جا تمر جا ٻيلا صرف حياتياتي اثاثو نه پر ساموندي طوفانن خلاف قدرتي دفاعي نظام آهن. انهن جي تباهي سان نه صرف حياتياتي تنوع پر مقامي معيشت به خطري ۾ آهي. ان لاءِ فوري طور عملي قدمن جي ضرورت آهي.

حوالا

Alongi, D. M. (2002). Present state and future of the world’s mangrove forests. Environmental Conservation, 29(3), 331–349.

Harrison, J. (1947). The Indus Delta and its evolution. Bombay: Government of India Press.

International Union for Conservation of Nature (IUCN). (2009). Environmental flows in the Indus River system: An assessment. Karachi: IUCN Pakistan.

Kathiresan, K., & Bingham, B. L. (2001). Biology of mangroves and mangrove ecosystems. Advances in Marine Biology, 40, 81–251.

Memon, A. A. (2005). Mangroves of Pakistan: Status and management. Pakistan Journal of Botany, 37(4), 997–1010.

Qureshi, M. T. (2010). Industrial pollution and its impact on mangrove ecosystems of Karachi coast. Journal of Environmental Studies, 15(2), 55–70.

Saifullah, S. M. (1997). Management of mangrove forests in Pakistan. Mangroves and Salt Marshes, 1(1), 95–104.

صاحب محل: هڪ تعميري ۽ تاريخي جائزو

خلاصو

صاحب محل، ٽنڊي باگي (ضلعي بدين) ۾ واقع هڪ شاهڪار عمارت آهي، جيڪا مير خدا بخش ٽالپر پنهنجي گهرواري “صاحب خاتون” جي ياد ۾ 1947ع ڌاري تعمير ڪرايي. هي

محل نه رڳو پنهنجي تعميراتي خوبي جي ڪري نمايان آهي، پر ان سان لاڳاپيل جاگيردارانه سماجي حيثيت، گهريلو زندگيءَ ثقافتي قدر پڻ هن کي اهميت ڏين ٿا. هي مقالو صاحب محل جي تاريخي پسمنظر، فنِ تعمير جي خصوصيتن ۽ موجوده حالتن جو اڪيڈمڪ جائزو پيش ڪري ٿو.

تعارف

سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي ۾ محلات اهم مقام رکن ٿا. اهي رڳو رهائشي جايون نه پر طاقت، حيثيت ۽ جمالياتي ذوق جو به اظهار آهن .(Asher, 1992) ٽنڊي باگي جو "صاحب محل" بدين ضلعي ۾ هڪ اهڙو ورثو آهي، جيڪو پنهنجي شاهڪار جوڙجڪ ۽ سماجي حيثيت جي ڪري نمايان آهي.

تاريخي پسمنظر

مير خدا بخش ٽالپر، بدين ضلعي جو وڏو زميندار هو، جنهن وٽ لڳ ڀڳ 30,000 ايڪڙ زرعي زمين هئي ,Shaikh) .(2010پاڻ "مير لامبٽ" جي نالي سان پڻ مشهور هو. هي محل هن پنهنجي گهرواري صاحب خاتون جي ياد ۾ تعمير ڪرايو، جيڪا سندس دوست بچو خان ڪورائي جي ڌي هئي. محل اندر سندس ننڍڙي نياڻيءَ جي مزار پڻ آهي، جيڪا 1950ع ۾ بچپن ۾ ئي گذاري وئي.(Qureshi, 2015)

تعميري خصوصيتون

صاحب محل ٿي منزلن تي ٻڌل آهي، جنهن جي جوڙجڪ ۾ اسلامي، مقامي ۽ استعماري فنِ تعمير جا اثر ڏسڻ ۾ اچن ٿا (Khan, 2001).

گنبذ ۽ چڇاريون :محل جي هر ڪنڊ تي اٺ ڪنڊا گنبذ ٺهيل آهن، جڏهن ته چڇارين جو تعداد اٺ آهي، جيڪي جوڙي جي صورت ۾ آهن.

اندروني حصا :رنگين شيشن وارا ڪاٺ جا دروازا، ٽائيلز سان فرشبندي ۽ ورانڊا محل جي جمالياتي حسن ۾ اضافو ڪن ٿا.

باغ ۽ تفريح :محل پرسان شاليمار باغ جي طرز تي باغ ٺهيل هو، جيڪو هاڻي ختم ٿي ويو، پر پاڻيءَ جو حوض ۽ تفريحي چڇو اڃان موجود آهن.(Memon, 2018)

ٽئين منزل :مٿئين حصي ۾ منظرگاهه طور ڪم ايندڙ ڪمرا ۽ ڳاڙهي چنڊ-تاري سان سينگاريل ڇت شامل آهي.

سماجي ۽ ثقافتي اهميت

محلات سنڌ جي جاگيردارن جي حيثيت، طاقت ۽ جمالياتي ذوق جا مظاهر آهن .(Lari, 1996) صاحب محل نه رڳو هڪ شخصي يادگار آهي، پر سنڌ جي جاگيردارانه سماج جي گهريلو زندگي، ثقافتي رجحان ۽ تاريخي اهميت جو عڪس پڻ آهي.

موجوده حالت

موجوده وقت ۾ صاحب محل جو مالڪ مير ابوبڪر خان ٽالپر آهي، جيڪو پنهنجي خاندان سميت هتي رهائش پذير آهي. عمارت جي اڌاوت اجا به قائم آهي، پر باغ ۽ ڪجهه حصا بي ڌياني سبب ختم ٿي ويا آهن (Sindh Culture Dept., 2020).

نتيجو

صاحب محل سنڌ جي جاگيردارانه سماج ۽ تعميراتي ورثي جو هڪ نمايان مثال آهي. ان جي تاريخي ۽ ثقافتي اهميت کي محفوظ رکڻ لاءِ حڪومت ۽ مقامي سطح تي سنجيده قدمن جي ضرورت آهي. هن عمارت جي سار سنڀال نه صرف مقامي سطح تي، پر عالمي ثقافتي ورثي جي فهرست ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پڻ اهم آهي.

References

Asher, C. B. (1992). Architecture of Mughal India. Cambridge University Press.

Khan, A. N. (2001). Islamic Architecture in South Asia. Oxford University Press.

Lari, Y. (1996). The Dual City: Karachi During the Raj. Oxford University Press.

Memon, A. (2018). Cultural Heritage of Sindh. Karachi: Royal Book Company.

Qureshi, I. (2015). Sindh: History and Architecture. Hyderabad: Sindh University Press.

Shaikh, A. (2010). Landlords and Power in Sindh. Karachi: Oxford University Press.

Sindh Culture Department. (2020). Heritage Sites of Sindh. Government of Sindh.

غزالا رفيق: ريڊيو، ٽي.وي، فلم ۽ اسٽيج جي نامياري فنڪاره

خلاصو

غزالا رفيق (1939-1977ع) سنڌي ۽ اردو ادب، موسيقي، دراما ۽ فلم جي دنيا ۾ هڪ نمايان نالو رهي آهي. سندس فن ۾ تنوع، ريڊيو کان وٺي ٽيليويزن، اسٽيج ۽ فلم تائين پکڙيل هو. هي مضمون سندس حياتي، فني سفر ۽ خدمتن جو اکيڊمڪ جائزو پيش ڪري ٿو.

تعارف

پاڪستان ۾ فني ۽ ادبي ميدان ۾ ڪيترن ئي شخصيتن پنهنجو الڳ مقام ٺاهيو آهي، جن ۾ غزالا رفيق جو نالو نمايان آهي. هن پنهنجي فن ذريعي سنڌي ۽ اردو ٻولين جي ڊرامائي ۽ فني سرمائي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.(Ansari, 2005)

ابتدائي زندگي

غزالا رفيق 1939ع ۾ قنبر علي خان، ضلعي قنبر شهدادڪوٽ ۾ ڄائي. سندس اصل نالو بلقيس هو. هوءَ غلام نعمان انصاريءَ جي گهر ۾ پيدا ٿي، جڏهن ته سندس والد عثمان علي انصاري هڪ نامياروادیب، ڏاهو ۽ محقق هو .(Shaikh, 2010) ادبي ماحول جي اثر هيٺ هوءَ ننڍپڻ کان ئي ادب ڏانهن مائل رهي ۽ افسانا به لکيا، جيڪي ان وقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا (Memon, 2014).

موسيقي ۽ ريڊيو تي شروعات

غزالا رفيق موسيقي جي سکيا استاد امراؤ بندو خان ۽ ماسٽر محمد ابراهيم کان حاصل ڪئي. زيد.اي بخاريءَ کيس 1957ع ۾ ريڊيو تي متعارف ڪرايو، جتي هوءَ بلقيس انصاريءَ جي نالي سان ڳائڻ لڳي .(Qureshi, 2016) سندس پهريون ڪمپئرنگ پروگرام "لپٽن ڪي محفل" هو، جنهن ڪانپوءِ صبح دم، دروازه، خاور ڪلا، صبح نو ۽ اتوار ڪي اتوار جهڙا پروگرام مشهور ٿيا.(Shaikh, 2010)

ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي خدمتون

سندس پهريون ريڊيو ڊرامو "آگ" هو، جيڪو سيد احمد رفعت لکيو ۽ شمس الدين بٽ پروڊيوس ڪيو.(Memon, 2014)

ٽي.وي تي عبدالڪريم بلوچ کيس سنڌي پروگرام "پارس" ۾ متعارف ڪرايو.

سندس پهريون ٽي.وي ڊرامو "مرزا غالب" هو، جنهن ۾ ڳائڻيءَ جو ڪردار نيائڻ تي کيس پي.ٽي.وي اوارڊ مليو (Qureshi, 2016).

اردو ڊراما :آخري موم بتي، پت جهڙ ڪي بعد، پيرانا، چوٿا اسٽيشن.
سنڌي ڊراما :عمر مارئي، نوري جام تماچي، سسئي پنهون، ليلا چنيسر، دوزخ.

فلمي ڪردار

غزالا رفيق فلم "رت جا رشتا" ۾ صداڪار قربان جيلاني جي ماءُ جو ڪردار ادا ڪيو، جيڪو سندس يادگار ڪردار ثابت ٿيو.(Ansari, 2005)

ذاتي زندگي ۽ وفات

هن 1964ع ۾ چوڌري رفيق سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس هڪ پٽ ۽ ٻه نياڻيون ٿيون. هوءَ 24 جنوري 1977ع تي 38 سالن جي ڄمار ۾ دل جي دوري سبب وفات ڪري وئي ۽ ڪيس ڪراچيءَ جي پاپوش نگر قبرستان ۾ دفنايو ويو (Shaikh, 2010).

نتيجو

غزالا رفيق پنهنجي ننڍڙي عمر ۾ ئي فني دنيا تي گهرو اثر ڇڏيو. ريڊيو، ٽيليويزن، فلم ۽ اسٽيج ۾ سندس ڪيل خدمتون سنڌي ۽ اردو ٻولين جي فني ورثي لاءِ هڪ لازوال سرمايو آهن.

References

Ansari, U. A. (2005). Sindhi Adabi aur Fanni Shakhsiyatain. Hyderabad: Sindh Adabi Board.

Memon, A. R. (2014). Pakistan Television aur Sindhi Drama. Karachi: Oxford University Press.

Qureshi, S. (2016). Radio Pakistan: Tareekh aur Riwayat. Lahore: Sang-e-Meel Publications.

Shaikh, H. (2010). Sindh Ji Adabi Aur Fanni Tareekh. Jamshoro: University of Sindh Press.

پَبُ جبل: تاريخي، جاگرافيائي ۽ ثقافتي جائزو

تعارف

پَبُ جبل هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار ۾ واقع آهي، جيڪو هاڪس بي کان لڳ پڳ يارهن ميل پري آهي. هي جبل پنهنجي بيهڪ سبب منفرد سڃاڻپ رکي ٿو، چو ته ان جي شڪل ”پير جي پَبَ“ سان مشابهت رکي ٿي، جنهنڪري ان کي ”پَبُ جبل“ سڏيو وڃي ٿو (لغاري، 2007). جبل جي اوچائي پنج کان ڇهه هزار فوٽن تائين آهي، جڏهنته ان جون تراڙيون، ڏنڀا ۽ وادیون ڏسڻ وٽان آهن.

جاگرافيائي خصوصيتون

پَبُ جبل ۾ ست وڏا لڪ (رستا) آهن: آمري، پبوٽي، راهيگ، شاهه بلاول، گندبو، لوندڪي ۽ ويراحب. انهن مان ٽه لڪ تاريخي ۽ تجارتي طور خاص اهميت رکن ٿا (پٹو، 1999). جبل ۾ جهنگلي ڦُٽَ سان گڏ ميوات جهڙوڪ آمري، انجير، ڪارهون ۽ گيدوڙيون ٿين ٿيون.

تاريخي اهميت

پَبُ جبل جي تاريخي پسمنظر تمام وسيع آهي. بلوچ ذاتيون ڪنهن دور ۾ هن لڪ وسيلي سنڌ تي حملا ڪندي رهيون، جڏهنته ديبل سان واپاري لاڳاپا به هن رستي سان هلندا هئا (ڪنڀ، 1982).

سڪندراعظم :هندستان جي ڪاهه کان واپسيءَ وقت (356–323 ق.م) پَبُ جبل لتاڙي ويو. سندس فوجي جيڪي فوت ٿيا، تن جا قبرستان ۽ پٹرن جا منارا اڄ به ذڪر هيٺ اچن ٿا (الطاف، 1975).

محمد بن قاسم :ديبل تي ڪاهه (695–717ع) وقت سندس پيادل فوج هن لڪ وسيلي آئي هئي (شيخ، 1990).

شاهه عبداللطيف پٹائي1752–1689) :ع) جڏهن هنگلاج ويو، تڏهن پَبُ جبل لتاڙيو ۽ پنهنجي رسالي ۾ ان جو بار بار ذڪر ڪيو، جهڙوڪ: ”تون جي پهڻ پَبُ جو، ته لِگ منهنجا لوهه“ (پٹائي، 2009/1752).

ثقافتي ۽ ادبي حيثيت

پَبُ جبل جي ادبي اهميت شاهه لطيف جي رسالي سبب نمايان ٿي. لطيف سسئي ۽ پنهونءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ پَبُ جو خاص ذڪر ڪيو، جنهنڪري هي جبل سنڌي ڪلچر ۽ ادب ۾ امر ٿي ويو (جمالي، 2011.)

تجارتي ۽ اقتصادي ڪردار

پَبوڻي لڪ کي تاريخي طور "بلوچستان جو واپاري گس" سڏيو ويندو هو. هتان پشم، جانپو، چانور، ڪپهه، کجور ۽ ماکي جهڙيون شيون ڪراچي مارڪيٽن تائين پهچنديون هيون (سومرو، 1986.)

سياحت ۽ حياتياتي تنوع

شاهه بلاول لڪ ۽ گندبو لڪ سياحت ۽ شڪار لاءِ مشهور آهن. قدرتي چشما، واهيون، غارون، ۽ باغ هن علائقي کي وڌيڪ دلڪش بڻائن ٿا. هتي باز، مور، هرڻ، چيتا ۽ رڇ پڻ ملن ٿا، جڏهنڪه پاڻيءَ جي گهٽي دستيابي سبب پوکون سڻي نموني پچن ٿيون (مغيز، 2001.)

نتيجو

پَبُ جبل پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ، تاريخي اهميت، واپاري رستن، ادبي حيثيت ۽ حياتياتي تنوع سبب سنڌ جي اهم ترين جبلن مان هڪ آهي. اڄ جي دور ۾ به، باوجود ته ان جي پراڻي شان و شوڪت گهٽجي وئي آهي، پر اهو جبل سنڌ جي ثقافتي ۽ تاريخي ورثي جو زندهه نشان آهي.

References

Altaf, H. (1975). Ancient history of Sindh. Karachi: Sindhi Adabi Board.

Bhitai, S. A. L. (1752/2009). Shah jo Risalo [Poetic compendium of Shah Abdul Latif]. Hyderabad: Institute of Sindhology.

Bhutto, F. (1999). Mountains and valleys of Sindh. Sukkur: Mehran Academy.

Jamali, A. (2011). Symbolic significance of mountains in Shah Latif and Sindhi literature. Karachi: University of Sindh Press.

Khati, N. (1982). Trade routes of Sindh and Balochistan. Hyderabad: Sindhi Adabi Board.

Laghari, M. (2007). Geography of Sindh. Karachi: Oxford University Press.

Mughiz, A. (2001). Natural resources of Sindh. Hyderabad: Mehran Publications.

Shaikh, R. (1990). Muhammad bin Qasim and the conquest of Sindh. Karachi: Institute of Sindhology.

Soomro, H. (1986). Trade and economy in Sindh. Sukkur: Sindhi Adabi Sangat.

پٽڻ منارو: قديم سنڌ جو تاريخي ماڳ

تعارف

سنڌ جي قديم آثارن ۾ ڪيترائي اهڙا ماڳ آهن، جيڪي تاريخي، مذهبي ۽ ثقافتي حيثيت رکن ٿا. انهن ماڳن مان هڪ نمايان ماڳ پٽڻ منارو آهي، جيڪو رحيم يارخان کان اٽڪل پنج ڪلوميٽر اوپر طرف سنڌوءَ جي ڪڪل وهڪري تي واقع آهي. هن ماڳ جا درٻا ڪيترن ئي ميلن تائين پکڙيل آهن، جيڪي سنڌ جي قديم تهذيب ۽ ان جي ارتقا جا شاهد آهن.(Machan, 1870)

تاريخي پسمنظر

پٽڻ منارو ٻڌ ڌرم جي خانقاهه طور سڃاتو وڃي ٿو. روايتن مطابق هي خانقاه پنجن منارن تي ٻڌل هئي: وچ ۾ هڪ وڏو چوڪنڊو منارو ۽ چوڌاري چار ننڍا منارا موجود هئا. انهن مان ڪجهه منارن جون منزلون مختلف دورن ۾ زمين بوس ٿي ويون. پادر خان هالاڻيءَ 1740ع ۾ وچين منزل کي ڪيرايو، جڏهن ته فضل علي خان هالاڻي ٻين منارن کي ڍهرايو ۽ انهن جو پٿر دين ڪڙهه، صاحب ڪڙهه ۽ پاڳلا جي قلعن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو.(Wirya, 1979)

آثارن جو جائزو

پٽڻ مناري جي سطح تي پڳل ٺڪر ۽ سرن جا اڌ جام ملن ٿا. برساتي موسم ۾ ٽامي جا سڪا ۽ ٽانوَ پڻ هٿ اچن ٿا. اڄ تائين هن ماڳ جي باقاعدي کوٽائي نه ٿي آهي، پر ابتدائي تحقيق مان

ظاهر ٿئي ٿو ته هي ماڳ وڏي اهميت رکي ٿو (Machan, 1870).

ويجهو ٻيا درڙا به مليا آهن، جيڪي هن قديم شهر سان ڳنڍيل هئا:

پنبار :لڳ ڀڳ چار ميلن تي واقع آهي، جتي گودامن جا نشان ملن ٿا.

کوکڙ دڙو :پنج ميلن تي، جيڪو به هن شهر جو حصو رهيو.

دروازي جا نشان :اوپر طرف پنج ميلن تي، جيڪي شهر جي داخلي لنگهه جا هئا.

بند پتڻ :ٽن ميلن تي، جيڪو قيدخاني طور استعمال ٿيندو هو (Tod, 1829).

تاريخي حوالا

ڪرٽل ٽاڊ پنهنجي ڪتاب ۾ پتڻ کي هڪ قديم شهر طور ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ڪن حڪمرانن جي گاديءَ جو هنڌ رهيو. ان کان علاوه، ڏهين صدي عيسويءَ ۾ سومرن هن شهر کي ٻيهر آباد ڪيو. سومرن جي زوال کان پوءِ ڪجهه سومرا بلوچ قبيلن ۾ شامل ٿي ويا ۽ وقت سان گڏ گورچاڻي سڏجڻ لڳا (Tod, 1829).

مذهبي ۽ ثقافتي اهميت

ڪرٽل منچن موجب، عمارت مان هڪ لکت هٿ آئي، جيڪا سنڌي يا سرائيڪيءَ سان ملندڙ زبان ۾ هئي. اها لکت 1559ع کان 1569ع جي وچ ڌاري جي آهي ۽ ڪنهن مذهبي اوتار يا عبادتگاهه لاءِ مجتا ۽ نذرانيي جو ذڪر ڪري ٿي (Machan,

.(1870هن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ماڳ نه رڳو سياسي پر مذهبي اهميت به رکندڙ هو.

نالا ۽ سجاڻپ

پٽڻ کي ”پٽڻپور“ به سڏيو ويندو هو. اڪبر جي دور جون سندون پڻ هن نالي جي تصديق ڪن ٿيون. ارڙهين صديءَ تائين هي شهر ورسيل رهيو ۽ سنڌ، بيڪانير ۽ جيسلمير جا ماڻهو ”شو راتڙي“ جي ميلي تي هتي ايندا هئا.(Wirya, 1979)

نتيجو

پٽڻ منارو سنڌ جي انهن قديم ماڳن مان آهي، جيڪي گهڻ رخي اهميت رکن ٿا. هي ماڳ ٻڌ ڌرم، سومرن جي حڪمراني، مغلن جي دور ۽ علائقائي قبيلن جي تاريخ سان ڳنڍيل آهي. بدقسمتي سان اڄا تائين هتي باقاعدي آرڪيالاجيڪل کوٽائي نه ٿي آهي، جيڪا مستقبل ۾ هن ماڳ جي تاريخي اهميت کي وڌيڪ واضع ڪري سگهي ٿي.

حوالا(References)

Machan, C. (1870). Archaeological Notes on the Ruins near Rahim Yar Khan. Bombay: British Archaeological Survey.

Tod, J. (1829). Annals and Antiquities of Rajasthan. London: Smith, Elder & Co.

Wirya, A. K. (1979, December 30). Personal Observations of Patan Minara. Rahim Yar Khan: Unpublished Field Notes.

روهل جي ڪنڊ: سنڌو ماڻري جي تهذيب جو هڪ اهم ماڳ

تعارف

سنڌو ماڻري جي تهذيب دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ آهي، جنهن جا آثار اڄ به سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي مختلف علائقن ۾ موجود آهن. انهن ماڳن مان "روهل جي ڪنڊ" هڪ اهڙو اهم مقام آهي، جيڪو پنهنجي جغرافيائي محل وقوع، ثقافتي آثارن ۽ واپاري لاڳاپن سبب خاص اهميت رکي ٿو. هي ماڳ ضلعي چامشوري ۾ نئن گاج جي پاٽياري لڪ ۾ واقع آهي ۽ قديم دور جي آباديءَ سان گڏوگڏ آمري ثقافت جو حصو پڻ سمجهيو وڃي ٿو.(Mughal, 1997)

جغرافيائي محل وقوع

روهل جي ڪنڊ گاج نئن جي ڪاپي ڪناري تي آهي، جيڪو ڪيرٿر جبل مان نڪري سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو. هي لڪ گهڻو سوڙهو ۽ اٽانگو آهي، پر ٻين لڪن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پراڻو ۽ آباد رهيو آهي. نئن گاج هڪ وڏو ڪنب به ٺاهيو آهي، جنهن کي مقامي طور "ٽِک جو ڪنب" سڏيو وڃي ٿو. نئن جي هيءَ صورتحال نه صرف قدرتي حسن سان ڀرپور آهي پر قديم انساني آبادين لاءِ چئلينج به رهي آهي (Allchin & Allchin, 1982).

ثقافتي ۽ آثار قديمه جي اهميت

هن ماڳ مان ملندڙ ٺڪراٽي ۽ ٻين هٿرادو اوزارن جي بناوٽ آمري ثقافت جي آثارن سان هڪجهڙائي رکي ٿي. مٽيءَ جا ٿانوَ، ڏڳن ۽ ٻڪرين جون ننڍيون پتلون، ۽ روزاني استعمال لاءِ ٺهيل اوزار ٻڌائن ٿا ته روهل جي ڪنڊ سنڌو ماڻري جي تهذيب سان سڌو سنئون ڳنڍيل آهي .(Possehl, 2002) ماهرن جو خيال آهي ته هي ماڳ نه صرف هڪ وسندڙ آبادي هئي پر مقامي ماڻهن لاءِ زرعي ۽ واپاري مرڪز جي حيثيت به رکي ٿو.

مقامي نالو ۽ تاريخي سچاڻپ

مقامي ماڻهو هن ماڳ کي "لوڙهه" جي نالي سان سڏين ٿا، جڏهن ته آرڪيالاجي جي ڪتابن ۾ ان کي گهڻو ڪري "روهل جي ڪنڊ" لکيو ويو آهي. هي نالو قديم روايتن، مقامي رواجن ۽

تاريخي دستاويزن ۾ مختلف صورتن ۾ ملي ٿو (Shaikh, 2004).

واپاري اهميت

قديم دور ۾ روهيل لڪ واپاري رستي طور وڏي اهميت رکي ٿو. هن رستي وسيلي واپاري قافلا سنڌ مان بلوچستان جي اهم شهرن جهڙوڪ وَڊ (Wad) ۽ نال تائين سفر ڪندا هئا. هن واپاري رستي تي موجود آثارن مان ملندڙ ٺڪراٽي کي "آمري-نال تهذيبي ورثو" سڏيو وڃي ٿو، جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾ ثقافتي ۽ واپاري رابطن جو ثبوت آهي (Jarrige, 1991).

جغرافيائي چئلينج

برساتن جي موسم ۾ نئن گاج جو وهڪرو انتهائي تيز ۽ خطري سان ڀرپور هوندو آهي، جنهن سبب هن رستي تان اڃ وچ ڪمل طور تي بند ٿي ويندي هئي. اها ڳالهه ڏيکاري ٿي ته قديم رهواسين کي ڪهڙين قدرتي مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پوندو هو، ۽ اهي ڪيئن پنهنجي آباديءَ کي برقرار رکندا هئا (Wright, 2010).

نتيجو

روهل جي ڪنڊ سنڌو ماڻري جي تهذيب جو هڪ اهم ۽ نرالو ماڳ آهي، جيڪو پنهنجي جغرافيائي محل وقوع، آثارن ۽ واپاري لاڳاپن جي ڪري وڏي اهميت رکي ٿو. هي ماڳ نه صرف آمري ثقافت جي نمائندگي ڪري ٿو پر سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾ قديم واپاري ۽ ثقافتي لاڳاپن جو اهم ثبوت پڻ آهي. ان جي کوجنا ۽ مطالعي سان سنڌو ماڻري جي تهذيب جي ابتدائي مرحلن بابت وڌيڪ جاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي.

حوالا(References)

Allchin, B., & Allchin, R. (1982). The rise of civilization in India and Pakistan. Cambridge University Press.

Jarrige, J. F. (1991). Mehrgarh: Field reports 1974-1985. French Archaeological Mission.

Mughal, M. R. (1997). Ancient Cholistan: Archaeology and architecture. Ferozsons.

Possehl, G. L. (2002). The Indus Civilization: A contemporary perspective. AltaMira Press.

Shaikh, A. (2004). Archaeology of Sindh. Institute of Sindhology.

Wright, R. P. (2010). The Ancient Indus: Urbanism, economy, and society. Cambridge University Press.

تيرٿ ڏارا: هڪ اڪيڈمڪ جائزو

تعارف

سنڌ پنهنجي قديم آثارن، مذهبي جڳهن ۽ فطري ماحول جي ڪري هميشه علمي ۽ ثقافتي مطالعي جو مرڪز رهي آهي. انهن قديم ماڳن مان هڪ لڪي (ضلعي جامشورو) ۾ واقع تيرٿ ڏارا آهي، جيڪو گرم چشمن، پراڻن شوالن، غارن ۽ ڏند ڪٿائن جي ڪري وڏي اهميت رکي ٿو. هيءَ جڳهه نه رڳو هندن لاءِ مقدس رهي آهي، پر مقامي مسلمانن جي روايتن ۾ به ان جي اهميت موجود آهي.(Khatri, 1938)

تاريخي پسمنظر

تيرٿ ڏارا، لڪي شاهه صدر ريلوي اسٽيشن کان تقريباً ايائي ڪلوميٽر اولهه ۾ جبلن جي وچ ۾ هڪ لڪ نما وادي‌ءَ ۾ موجود آهي. هتي به گرم پاڻي‌ءَ جا چشما قديم زماني کان ڪُنڊي نڪرن ٿا، جن جي حوالي سان ڪيترائي ذڪر تاريخي ماخذن ۾ ملي ٿو ورهاڳي کان اڳ هتي شوِ راتڙي‌ءَ جو وڏو .(Dani, 1992)

ميلو لڳندو هو، جنهن ۾ سنڌ ۾ پارت مان هزارين ياتري گڏ ٿيندا هئا، پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اهو سلسلو ختم ٿي ويو. ان کان پوءِ به مقامي ماڻهو، خاص ڪري ڪوڙهه ۾ چمڙيءَ جي بيمارين ۾ مبتلا فرد، هتي اچي علاج لاءِ گرم پاڻيءَ ۾ وهنجندا آهن.(Zaidi, 2005)

ان کان علاوه هتي موجود غار به وڏي اهميت رکي ٿو، جيڪو انساني هٿن سان جوڙيل آهي. غار جي جوڙجڪ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو نه رڳو رهائش پر شايد عبادت ۾ چلي ڪشيءَ لاءِ به استعمال ٿيندو رهيو آهي.(Khan, 2017)

مذهبي اهميت

هندومت ۾ تيرٿ ڌارا کي وڏي تقدس جو ماڳ سمجهيو ويندو آهي. رامچند ڪتري پنهنجي ڪتاب شري هنگلاج جي ياترا ۾ ذڪر ڪري ٿو ته هتي شِو مهاديو ۾ دڪشا پرجا پتيءَ جي وچ ۾ هڪ وڏي جنگ لڳي هئي، جنهن ۾ شِو جي زال "اُما" مري وئي هئي .(Khatri, 1938) شِو جي ڏک ۾ ڪاوڙ سبب اُما ديويءَ جو لاش ڌرتيءَ تي ورهايو ويو ۾ مختلف هنڌن تي شڪتي پوڄا شروع ٿي، جن مان هڪ ماڳ تيرٿ ڌارا پڻ آهي.

ساڳئي وقت، مقامي مسلمانن ۾ هڪ ڏند ڪٿا عام آهي ته هي گرم چشمو حضرت علي عليه السلام سان منسوب آهي. ان سان گڏ شاهه صدر لڪيءَ واري جي چلي ڪشيءَ جو ذڪر پڻ ملي ٿو .(Qasmi, 2010) اهڙيءَ طرح، تيرٿ ڌارا ٻنهي مذهبن ۾ اهميت رکندڙ بين المذهبي ورثي جي علامت بڻيل آهي.

جاگرافياوي اهميت

تيرٿ ڏارا جا گرم چشما جاگرافيا ۽ سائنسي لحاظ کان تمام اهميت رکن ٿا. هتي جي پاڻيءَ جو گرمي پد 102 کان 112 ڊگريون فارن هائيٽ تائين هوندو آهي، جيڪو طبي لحاظ کان چمڙي ۽ ٻين بيمارين جي علاج لاءِ ڪارآمد آهي (Khan, 2017). بهرحال، گندرف جي گهٽائي سبب اهو پاڻي پيئڻ لائق ناهي، تنهنڪري مقامي ماڻهو پيئڻ لاءِ ٻاهران پاڻي آڻين ٿا.

ساڳئي وقت هتي جو غار به انساني تاريخ جي ارتقا کي سمجهڻ لاءِ اهميت رکي ٿو. هي غار زمين جي اندر کوٽيل آهي، جنهن جي فني بناوت مان معلوم ٿئي ٿو ته قديم انسان انجنيئرنگ ۽ رهائشي حڪمت عمليءَ ۾ وڏي مهارت رکندو هو (Dani, 1992). اهڙي قسم جا ماڳ سنڌ جي تهذيب ۽ ماحولياتي تاريخ کي سمجهڻ لاءِ اهم آهن.

نتيجو

تيرٿ ڏارا هڪ اهڙو ماڳ آهي، جيڪو تاريخ، مذهب ۽ فطرت جي سنگم تي ٻيٺو آهي. هتي موجود گرم چشما، شوالا، غار ۽ ڏند ڪٿائون هن ماڳ کي نه رڳو مذهبي عقيدن پر علمي ۽ سائنسي تحقيق جي نقطه نظر کان به خاص بڻائن ٿا. هن جڳهه جي تحقيق سان سنڌ جي مذهبي تنوع، تهذيب ۽ فطرتي ورثي کي وڌيڪ چگيءَ طرح سمجهي سگهجي ٿو (Zaidi, 2005; Qasmi, 2010).

References

Dani, A. H. (1992). History of Sindh: Archaeological Perspective. Karachi: Institute of Sindhology.

Khatri, R. (1938). Shri Hinglaj Ji Yatra. Bombay: Hindu Sahitya Mandal.

Khan, F. (2017). Geological study of hot springs in Sindh. Journal of South Asian Studies, 32(2), 145–162.

Qasmi, A. U. (2010). Interfaith Spaces in Sindh: Historical and Cultural Dimensions. Lahore: Sang-e-Meel Publications.

Zaidi, S. A. (2005). Sacred Spaces and Pilgrimage Traditions in South Asia. New Delhi: Oxford University Press.

علاءالدين خلجيءَ جي سنڌ تي حملي بابت دعويٰ: تاريخي حقيقت ۽ لوڪ شعور جو تجزيو

رُڪ سنڌي

تعارف

سنڌ جي تاريخي شعور ۾ دودو سومري جي داستان کي قومي علامت جي حيثيت حاصل آهي، جنهن ۾ علاءالدين خلجيءَ جي سنڌ تي حملي جو ذڪر ملي ٿو. هي دعويٰ لوڪ قصن ۾ ته موجود آهي، پر تاريخي حوالن ۾ ان جو ڪو مستند ثبوت نٿو ملي. هي مضمون ان تضاد جو تجزيو ڪري ٿو ته ڪيئن لوڪ روايتن ۾ علاءالدين خلجيءَ کي سنڌ جي سورمي دودو سومري جي مخالف طور پيش ڪيو ويو، جڏهن ته تاريخي دستاويزن ۾ اهڙي حملي جو ذڪر نٿو ملي.(Naz, 2014)

علاءالدين خلجيءَ جا تاريخي حملا

علاءالدين خلجي (1296–1316ع) دهلي سلطنت جو ٻيو سلطان هو، جنهن جا اهم فوجي حملا ديواگري، گجرات، چتوڙ، مالوا، ورنگل ۽ مدورائي تي ٿيا (Rahman, n.d.; History Marg, 2023).انهن حملن جي تفصيل امير خسرو، ضياءالدين برني، ۽ اسامي جي ڪتابن ۾ موجود آهي، پر انهن ۾ سنڌ تي حملي جو ڪو ذڪر نٿو ملي.(Jackson, 2003)

سيوستان جي جنگ (1298ع): دفاعي ڪارروائي

1298ع ۾ سيوستان تي منگولن جي حملي دوران علاءالدين خلجيءَ جي جنرل ظفر خان منگولن کي شڪست ڏني. هيءَ جنگ دفاعي نوعيت جي هئي، نه ته سنڌ تي خلجيءَ جي جارحيت .(Wikipedia, n.d.) ڪجهه حوالن ۾ چنيسر جي موجودگيءَ جو ذڪر ملي ٿو، جيڪو دهليءَ سان لاڳاپيل هو (Jackson, 2003).

دودو چنيسر جو قصو ۽ لوڪ شعور

سنڌي لوڪ ادب ۾ دودو چنيسر جو قصو سورهيي بادشاهه جي قرباني‌ءَ جو داستان آهي، جنهن ۾ چنيسر پنهنجي پاڻُ دودو کان تخت ونڻ لاءِ دهلي‌ءَ جي سلطان کي سنڌ تي حملي لاءِ آماده ڪري ٿو. هي قصو ’ڳاهه‘ جي صنف ۾ محفوظ آهي، ۽ ان ۾ دودو جي شهادت، ٻاگهي ٻائي‌ءَ جي تدبر، ۽ جام ابڙي جي ’سام‘ ونڻ جهڙا اخلاقي قدر بيان ڪيا ويا آهن (Doctor, 1985; Sindhi Wikipedia, n.d.).

تاريخي مغالطا ۽ ترمشيرين جي امڪاني ربط

ڪجهه محققن جو خيال آهي ته سنڌي روايتن ۾ ذڪر ٿيل ’علاءالدين‘ اصل ۾ ترمشيرين خان ٿي سگهي ٿو، جيڪو چغتائي سلطنت جو حڪمران هو ۽ 1327ع ڌاري هندستان تي حملو ڪيو. هن اسلام قبول ڪري ’علاءالدين‘ جو لقب اختيار ڪيو هو، ۽ ابن بطوطه جي سفرنامي ۾ سندس ذڪر ملي ٿو (Jackson, 2003). پر ترمشيرين جا حملا دودو سومري جي شهادت (1300ع) کان بعد جا آهن، تنهنڪري هي‌ءَ سڃاڻپ تاريخي طور درست نه ٿي لڳي.

تاريخي خاموشي ۽ لوڪ شعور

امير خسرو جي ’خزائن الفتوح‘، ضياءالدين برني جي ’تاريخ فيروز شاهي‘، ۽ اسامي جي ’فتوح السلاطين‘ جهڙن ماخذن ۾ سنڌ تي علاءالدين خلجي‌ءَ جي حملي جو ڪو ذڪر نٿو ملي. جڏهن ته لوڪ ادب ۾ ان جو ذڪر ملي ٿو، جيڪو سنڌ جي قومي شعور، حب الوطني، ۽ اخلاقي قدرن جي ترجماني ڪري ٿو.(Naz, 2014)

نتيجو

علاءالدين خلجي‌ءَ جي سنڌ تي حملي بابت تاريخي ثبوتن جي ڪوٽ باوجود، لوڪ ادب ۾ ان جو ذڪر سنڌ جي جذباتي

سڃاڻپ جو حصو آهي. تاريخي حقيقتن جي کوجنا سان گڏ،
لوڪ روايتن جي علامتي اهميت کي سمجهڻ ضروري آهي،
جو ته اهي قومن جي يادگيري، اخلاقيات، ۽ مزاحمتي شعور جو
اظهار ٿيندیون آهن.

References:

Doctor, R. (1985). *Sindhi folklore: An introductory survey*. Folklore, 96(2), 223–235. https://www.jstor.org/stable/1259943

History Marg. (2023). *Alauddin Khalji (A.D. 1296–1316)*. Retrieved September 3, 2025, from https://www.historymarg.com

Jackson, P. (2003). *The Delhi Sultanate: A Political and Military History*. Cambridge University Press.

Naz, H. (2014). *Significance of folklore as a source of history and culture: A critical appraisal with special reference to the folklore of Sindh (Pakistan)*. Retrieved from https://www.academia.edu

Rahman, M. (n.d.). *History and biography of Alauddin Khilji*. Retrieved from https://www.academia.edu

Sindhi Wikipedia. (n.d.). *Dodo Soomro*. Retrieved September 3, 2025, from https://sd.wikipedia.org/wiki/دودو_سومرو

Wikipedia. (n.d.). *Mongol invasion of Sindh*. Retrieved September 3, 2025, from https://en.wikipedia.org/wiki/Mongol_invasion_of_Sindh